شخصيت
سيريز

مشهور

# سنڌ جا سپوت



سهيڙيندڙ
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مشهور

# سنڌ جا سپوت

سهيڙيندڙ:

نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪتاب جا هڙئي حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو : 1995ع
ٻيو ڇاپو: 1999ع
ٽيون ڇاپو: 2014ع
چوٿون ڇاپو: 2018ع
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچي

ملهہ: 100 روپيا

# فهرست

مخدوم بلاول ........................................ 3
صوفي شاھہ عنايت شهيد ........................................ 6
ٻاگهل ٻائي ........................................ 9
سچل سرمست ........................................ 11
مرزا قليچ بيگ ........................................ 13
مولانا تاج محمود امروٽي ........................................ 15
ديوان ڏيارام گدو مل شاهاڻي ........................................ 18
سيد صبغت الله شاھہ ........................................ 21
شهيد الله بخش سومرو ........................................ 24
حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ........................................ 27
مولانا دين محمد وفائي ........................................ 30
علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو ........................................ 33
حيدر بخش جتوئي ........................................ 36
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ........................................ 39

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:
سنڌيڪا اڪيڊمي B_24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021_32737290
سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ ، 03133692150
سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803_03013431537
سنڌيڪا بوڪ شاپ، مدني شاپنگ سينٽر، جي پي او روڊ، لاڙڪاڻو فون: 0331_3480039
سنڌيڪا بوڪ شاپ، رمضان بروهي مارڪيٽ، نوشهروفيروز. فون: 03022917397
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي 0300_2827848 _ مدني اسلامي ڪتبخانو، نئون چوڪ دادو
۽ ٻيا سنڌ جا وڏا بوڪ اسٽور

لکپڙھہ لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400
فون: 021-32737290، ويب سائيٽ: www.sindhica.org
اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مخدوم بلاول

1451_1522ع



سنڌ تي قبضي ڪرڻ ڪان اڳ به ۽ پوءِ به هتان جا جوڌا جوان توڙي عالم ۽ بزرگ سگهورا ڏڪئي وقت ۾ سنڌ لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندا رهيا آهن. سنڌ کي غيرن جي غلاميءَ کان بچائڻ لاءِ جن بزرگن پنهنجي حُجري مان نڪري هتان جي سپوت توڙي عام ماڻهن کي ڌارين دشمنن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اُڀاريو انهن ۾ مخدوم بلاول جي شخصيت مٿانهين ۽ پڌري ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اڄ کان اٽڪل 552 سال اڳ جي ان وقت جي ڳالهه آهي، جڏهن اسان جي سونهاري سنڌ تي سما خاندان جو راڄ هو ۽ ڄام تغلق جو آخري دور هو. ملڪ تي سنڌي ماڻهن جي حڪومت هئي ۽ ڌارين جي ڏپ ڏاءَ کان سنڌ جي جند آزاد هئي. اهڙي دؤر ۾ سمن جي ئي هڪ گهراڻي ۾ مخدوم حسن جي گهر هڪ ٻار پيدا ٿيو جنهن جو نالو "بلاول" رکيو ويو.

مخدوم حسن مخدوم ادريس جو پٽ هو جيڪو سنڌ جي نالي واري حاڪم ڄام نظام الدين (جنهن کي ڄام نندو به سڏيو ويندو آهي) جو ڀاءُ هو. جيئن ته مخدوم ادريس هڪ الله لوڪ ۽ صوفي شخص هو. تنهن ڪري هن جي دل محلاتن ۾ ڪا نه لڳي ۽ هو پنهنجي حاڪم خاندان کان الڳ ٿي، سيوهڻ پرسان ٽلٽيءَ جي علائقي ۾ اچي رهڻ لڳو. اتي ئي مخدوم ادريس کي مخدوم حسن ڄائو جنهن مان وري تاريخ 4 اربيع الاول 856 هجري مطابق 19 جون 1451ع تي مخدوم بلاول پيدا ٿيو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
Jeay Sindh

ننڍڙو بلاول شروع کان ئي ذهين ۽ ديني علمن سان دلچسپي رکندڙ هو. جيئن تہ سندس والد پاڻ دنيا جا عيش آرام ڦٽا ڪري چڪو هو تنهن ڪري مخدوم بلاول تي بہ اهوئي اثر پيو. ديني تعليم ڏانهن لاڙي سبب هن ٺلتيءَ جي هڪ بزرگ ۽ عالم سيد نور حسن شاهہ جي شاگردي اختيار ڪئي. ان کان علاوه پاڻ اتان جي هڪ ٻئي بزرگ مخدوم عمر کان بہ علم پرايائين. تاريخدان کين تفسير ۽ حديث جي علم جو وڏو ڄاڻو ۽ متعبر شخص ڪري مڃن ٿا. جلد ئي سندن علمي ڪمال ۽ مهارت جي ڄاڻ ۽ هاڪ هر هنڌ پهچڻ لڳي. علم جا پياسا پري پري کان کهي اچي مخدوم صاحب جن وٽ پهچڻ ۽ پنهنجي علم جي اڃ اجهائڻ لڳا.

مخدوم بلاول پنهنجو ننڍپڻ ۽ جواني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٺلتيءَ ۾ ئي گذاريا. اتي شادي ڪيائين ۽ گذران خاطر ٺلتيءَ جي پرسان "بخاري" ڳوٺ ۾ ڪورڪو ڪم شروع ڪيائين. ان وقت ڪورڪي ڪم کي اهميت، قدر ۽ عزت وارو پورهيو سمجهيو ويندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ دادو ضلعي جي هڪڙي ڳوٺ "باغبان" جي صوفي بزرگ مخدوم دانيال جي ساڻس ملاقات ٿي، جيڪو کانئن تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ کين وٺي اُتي آيو. باغبان ۾ بہ هو ساڳيو ئي ڪورڪو ڌنڌو ڪندو رهيو.

مخدوم بلاول جي ڏينهن ۾ ماڻهو حڪومتي نظام مان خوش هوندا هئا. امن امان هو ۽ ڪنهن بہ ڌارئي کي سنڌ ڏانهن ميري اک کڻڻ جي همت ڪو نہ ٿيندي هئي. ڄام نندي جي گذاري وڃڻ کانپوءِ سندس پٽ ڄام فيروز تخت تي ويٺو پر هو پرمتڙيو ٿي، خوشامدڙين جي ور چڙهي ويو ۽ سندس ماءُ مدينا ماڇياڻي دريا خان کي پنهنجي پٽ جي اقتدار لاءِ خطرو سمجهندي 17_1516ع ڌاري شاهہ بيگ ارغون وٽ قنڌار وڃي پهتي ۽ دريا خان کي سيکت ڏيارڻ لاءِ پاڻ ئي شاهہ بيگ کي سنڌ ۾ وٺي اچڻ لاءِ سونهي بڻي. شاهہ بيگ سنڌ ۾ پهچي جيڪا مار ڌاڙ ڪئي، تنهن مخدوم بلاول کي بيقرار ڪري وڌو.

دولهہ دريا خان جي شهادت ۽ سنڌ جي انهن ٻرندڙ حالتن جي ڄاڻ جڏهن مخدوم بلاول کي پئي ۽ کيس معلوم ٿيو تہ ڌارين سنڌ تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ هن هڪدم پنهنجو ڌنڌو ڌاڙي ۾ ڇيا ڪم ڦٽا ڪري، سيوهڻ جي عام ماڻهن، مريدن، معتقدن، قبيلن جي سردارن ۽ مشهور ماڻهن سان رابطو ڳنڍيو ۽ کين تقريرن، واعظن ۽ ڪچهرين وسيلي ان ڳالهہ تي قائل ڪرڻ شروع ڪيو تہ ساٽيهہ جي محبت ايمان جو حصو آهي، ڌرتيءَ جي اصل رهاڪن جي ملڪيتن تي ناجائز قبضو ڪرڻ وارو پلي چو نہ مسلمان ئي هجي، اهو ظالم آهي، ان سان مقابلو ڪرڻ فرض آهي ۽ ديني گهرج آهي. مخدوم بلاول جي انهن ويچارن جو سيوهڻ جي ماڻهن تي وڏو اثر ٿيو ۽ هو پنهنجي وطن کي بچائڻ خاطر مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

جڏهن گهڻين ڪوششن کان پوءِ بہ شاهہ بيگ ارغون جا حمايتي ۽ ڏيهي غدار محب وطن جوڌن ۽ مخدوم بلاول جي پيروڪارن کي نيچو نوائڻ ۾ ڪاميابي ماڻي نہ سگهيا تہ انهن لشڪر تيار ڪري دريا



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٺپي ٺلٺيءَ تي حملو ڪيو ڪيترائي سنڌي جوڌا ان جنگ ۾ ماريا ويا ۽ شاهه بيگ جو لشڪر ٽن ڏينهن تائين اتان جي ماڻهن کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهيو پر سنڌن دل جي باهه اڃا جهڪي ڪا نه ٿي هئي.

شاهه بيگ کي خبر هئي ته سنڌين کي وڙهڻ لاءِ تيار ڪرڻ ۾ مخدوم بلاول جو وڏو هٿ هو. ان ڪري مخدوم بلاول ۽ سندس خليفن تي ڪرڙي نظر رکي ويئي. شاهه بيگ جا ماڻهو مختلف بهانن سان کين تنگ ڪندا رهيا. نيٺ مخدوم صاحب کي شهيد ڪرائڻ لاءِ سازش سٽي ويئي. اهو سوچي شهر جي هڪ موچيءَ کي گهرائي چيو ويو ته: "اهڙي ڪا جُتي تيار ڪر، جنهن جي تري ۾ قرآن پاڪ جا ورق وجهي وڃي مخدوم بلاول کي باغبان ۾ تحفي طور ڏيئي اچ." موچي ڀهريائين ته ان فريبي ڪم کان نابري واري، پر پوءِ حاڪمن جي دٻ کان لاچار ٿي هائوڪار ڪئي. آخر ٿورن ڏينهن ۾ موچي جُتي تيار ڪري آڻي، مخدوم بلاول کي ڏني. کين ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهيءَ سازش جو پتو پئجي ويو هو سو موچيءَ کان اوزار گهرائي، جتي کولائي ان مان ٽوپي جوڙائي پنهنجي خليفي مخدوم ساهڙ کي ڏنائون.

پوءِ زبردستي موچيءَ کان ڪوڙي فرياد داخل ڪرائي گورنر کي اطلاع ڪيو ويو ته: "باغبان جو بزرگ مخدوم بلاول جُتيءَ ۾ قرآن پاڪ جا ورق وجهي پيرن ۾ پائي گهمندو پيو وتي." انهي سازش آڌار ڪوڙا شاهد ۽ قاضي تيار ڪري مخدوم صاحب کي عدالت ۾ آندو ويو. هُن سموري ڳالهه ٻڌي موچي کان صرف ايترو پڇيو ته: "بابا! تنهنجي ٺاهيل، جُتي، مون پيرن ۾ پائي هئي؟" موچي هٻڪندي، شرم ۽ دٻ وچان "هائو" ڪئي. انهيءَ تي مخدوم بلاول ٺڏو ساهه پريندي قاضيءَ کي مخاطب ٿي چيو ته: "آئون هيو ڪجهه به چوڻ نٿو چاهيان.... ۽ خدا تعاليٰ جي رضا تي راضي آهيان، بس، توهان پنهنجو ارادو پورو ڪريو."

قاضي، جيڪو مخدوم بلاول تي آيو ئي ڏوهه ثابت ڪرڻ ڪرڻ هو تنهن ٺهه پهه مٿس ڪفر ۽ الحاد جي تهمت هڻندي وراڻيو ته: "مخدوم بلاول کي انهيءَ عيوض شرعاً لوهي گهاڻي ۾ جيئرو پيڙايو وڃي." مخدوم صاحب نهايت صبر سان اهو فيصلو ٻڌي، ان کي قبول ڪيو.

آخر باغبان ۾ شاهه بيگ ارغون ۽ ڏيهي غدارن جي سازشن جو ڪاڄ ٿيندي، 71 ورهين جي ڄمار ۾ سومر جي شام جو ٻهرين محرم الحرام 929 هجريءَ مطابق 2 جنوري 1522ع تي مخدوم بلاول شهادت جو پيالو پي سدائين لاءِ زندهه ٿي ويو. سندس چڪناچور جسم کي هڪ مَٽ ۾ وجهي اتي دفنايو ويو جتي هينئر سندس مزار آهي. هر مهيني جي ٻهرين جمعي تي باغبان ۾ سندس روضي تي سوين ماڻهو اچي سلام ڀرين ٿا.

مرتب: علي حسن چانڊيو



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# صوفي شاهہ عنايت شهيد

1655_1718ع



جڏهن امير تيمور هندستان تي حملو ڪيو، تہ انهن حالتن جو فائدو وٺي، سنڌ جي عوام آزاديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ سنڌي ان ۾ ڪامياب ٿي ويا. اهڙي طرح سنڌ ۾ سمن جي آزاد حڪومت قائم ٿي. سمن جي اٽڪل پوڻا ٻہ سئو سال حڪومت رهي. سمن جي آخري حڪمران ڄام نندي جي وقت ۾ قنڌار جي حاڪم شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاءُ کي موڪليو جنهن کي ڄام نندي جي بهادر سپهہ سالار دريا خان زبردست شڪست ڏئي قتل ڪري ڇڏيو. ڄام نندي جي وفات کانپوءِ شاهہ بيگ ارغون هڪ وڏو لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، پر هن ويڙهاند ۾ ڄام فيروز جي ڪمزور حڪمراني جي ڪري دريا خان وڏي ويڙهاند کان پوءِ شهيد ٿي ويو. شاهہ بيگ ڪيترا ڏينهن سنڌين تي دهشت ويهارڻ لاءِ گهر ساڙائيندو ڦرمار ۽ قتل ڪرائيندو رهيو ۽ وڏي ظلم ۽ ڏاڍ کان پوءِ 1520ع ۾ هن سنڌ تي قبضو ڪري ورتو.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Jeay Sindh

شاهہ بيگ ارغون کان پوءِ 1522ع کان وٺي سترهين صديءَ جي شروعات تائين سنڌ جي مٿان مسلط ڌارين حڪمرانن شاهہ حسن ارغون، عيسيٰ خان، مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ جي دؤر ۾ سنڌين مٿان ظلم ۽ ڏاڍ جو سلسلو قائم رهيو ۽ آفتن پٺيان آفتون اينديون رهيون. سنڌ جا راڄ ماڇي، سما، سوڍا ۽ ڌاريجا ان دور ۾ آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪندا رهيا، ليڪن ڌارين حڪمرانن کي دهليءَ جي مغل سلطنت جي پٺڀرائيءَ ۽ مقامي جاگيردارن ۽ پيرن جي لالچ ۽ بي حسيءَ جي ڪري ڌارين جو اقتدار مضبوط رهيو.

هيءُ اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌ جو مانجهي مرد سچو صوفي شاهہ عنايت 1655ع ۾ ملتان ۾ ڇاڻو. شاهہ عنايت الله جي سڄي پرورش لانگاهہ ۾ ٿي، جيئن تہ لانگاهہ ملتان جي حدن ۾ ڌارين سان سخت ويڙهون ڪري رهيا هئا. ان جو اثر صوفي شاهہ عنايت تي بہ ٿيو. انهن اثرن ڪري صوفي شاهہ عنايت ۾ ننڍي هوندي کان ئي ان قومي استحصال، ڌارين جي يلغارن خلاف سخت نفرت پيدا ٿي ۽ عوام کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ منجهس عملي جدوجهد ڪرڻ جي پيڙا پيدا ٿي چڪي هئي.

پاڻ ملتان ۾ هڪ ڪامل درويش ڇاڻو شمس شاهہ وٽ ڪجهہ وقت صحبت ۾ رهيا ۽ پوءِ ڪجهہ ساٿي رفيق ساڻ ڪري، ملتان کان ايران، ايران کان عراق ۽ عراق کان پوءِ هندستان پهتا. پاڻ اٽڪل 10 سال ٻاهر رهيا ۽ پوءِ پنهنجن رفيقن سميت سنڌ جي مختلف پرڳڻن ۾ ترسندي، عوام جي حالتن کي ڏسندي سڏوڻ ۾ اچي قيام پذير ٿيا. ڄڻ انهن ڏينهن ۾ عالمن ۽ حڪمرانن جي رهائش جو مکيہ مرڪز هو.

سنڌي عوام جون حالتون هينئر اڳي کان بہ ابتر هيون. شاهہ عنايت ڌارين جي قومي ڦرلٽ، مقامي جاگيردارن ۽ اميرن ۽ سرڪاري مُلن جي ڦرلٽ ۽ عوام خلاف سازشن جا گس گهيڙ پرکي چڪو هو. انهيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي شاهہ عنايت پنهنجي راهہ عمل کي مذهب کان علحده رکڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ پاڻ صوفي فلسفي کي بنياد بڻائي پنهنجي خيالن کي عام ڪري عوام تائين پهچائڻ شروع ڪيائين. سندس فلسفو ۽ نظريو هو تہ: "ڌرتيءَ تي الله جا پيدا ڪيل سڀ وسيلا سندس سڀني ٻانهن جو گڏيل ورثو آهي. رب سائين سڀني انسانن کي برابر هڪ جهڙو پيدا ڪيو آهي، ۽ جيئن تہ سڀ انسان الله جو عيال آهن، ان ڪري وسيلن تي الله جي ٻانهن جو گڏيل ۽ هڪجهڙو حق آهي."
صوفي شاهہ عنايت صوفي ازم تحت عوام مان مذهب، ذات پات جي بنيادن تي ڪيل گروهہ بندين، نفرتن، اوچ نيچ کي ختم ڪري منجهن اتحاد، اشتراڪ، برابري ۽ اهنسا جي لاءِ ذهني سجاڳي پيدا ڪرڻ واسطي اڳتي وڌيو تہ جيئن عوام کي صحيح ۽ سچي آزاديءَ جي راهہ ڏيکاري. صوفي شاهہ عنايت انهن حالتن ۾ ٿوروئي عرصو ٽِي ۾ رهيو تہ سندس سچائيءَ جون ڳالهيون ۽ بهاديءَ جي واڪاڻ پري پري تائين پهچي ويئي ۽ هر هنڌان مسڪين، پورهيت، ظلم جا ماريل ماڻهو پيرين پنڌ ڳهي وٽس اچڻ لڳا، جنهن ۾ هر مذهب ۽ ذات سان واسطو رکندڙ ماڻهو شامل هوندا هئا.

ٽي جي حاڪمن ۽ اميرن کي شاهہ عنايت جي ماڻهن کي برابريءَ ۽ سجاڳيءَ جو درس ڏيڻ تي مڻيان لڳي ۽ کيس تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. شاهہ عنايت سوچيو تہ ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
Jeay Sindh

ضروري آهي تہ ظلم ۾ پيڙجندڙ هارين ۾ پورهيتن کي منظم ڪجي. ان مقصد لاءِ شاهہ عنايت جهوڪ ۾ اچي رهڻ لڳو جتي جي آس پاس پورهيت مسڪين ماڻهن جي حالت انتها درجي خراب هئي. هو جيڪي زمينون ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچن جي پيٽ پرڻ لاءِ آباد ڪندا هئا. سا پيداوار سڀ جي سڀ هتان جا جاگيردار ۽ پير ميڙي چونڊي کڻي ويندا هئا ۽ ماڻهو ويچارا سخت ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ گذاريندا هئا.

صوفي شاهہ عنايت ميرانپور جي سرزمين تي هڪ اهڙي گڏيل سماج جو بنياد رکي، ان کي عملي طرح هلائڻ شروع ڪيو جيڪو ان وقت جي جاگيرداري ظلم، ڦرلٽ تي ٻڌل سماج جي بنهہ ابتڙ ۽ مختلف هو. هرڪو ماڻهو هن ڀائيچاري ۾ شامل هو تنهن کي پنهنجي صلاحيتن ۽ طاقت آهر ڪم ڪرڻو پوندو هو. هتي صوفي شاهہ عنايت، سندس مائٽ ۽ ساٿي آباد ٿيندڙ زمين کي گڏجي آباد ڪندا هئا ۽ ان مان جيڪا بہ پيداوار ٿيندي هئي، تنهن کي گڏجي ورهائي استعمال ۾ آندو ويندو هو.

ميرانپور جي هارين جي هن اقتصادي برابريءَ واري معاشري جي ڳالهہ راز ۾ نہ رهي سگهي. ٺٽي جي حاڪمن وٽ بہ اهي رپورٽون ٿيون تہ جهوڪ ميرانپور ۾ صوفي شاهہ عنايت پنهنجي هڪ نئين نموني جي گڏيل هڪ رياست قائم ڪيو ويٺو آهي ۽ اهوجهہ مسڪين هارين نارين کي ان نظريي ۽ ڀائيچاري جي ويٺو تعليم ڏئي. سو جيڪڏهن ترت ئي ان اڀرندڙ انقلابي تنظيم کي نہ ڪچليو ويو تہ اهو انقلاب نہ صرف سنڌ مان مغلن جي پاڙ پٽي ڇڏيندو پر اهو انقلاب حڪمران طبقن جو بہ تختو اونڌو ڪري تباهي مچائيندو. ٻي ڳالهہ تہ اهو انقلاب جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪامياب ٿيو تہ ان کان هندستان جو پورهيت عوام بہ متاثر ٿيندو ۽ عوام اتي بہ انقلاب برپا ڪندو. انهن رپورٽن تي دهلي سرڪار مقامي حاڪمن کي شاهہ عنايت جي تحريڪ کي فوري طور تي ڪچلڻ جو حڪم ڪيو نتيجي ۾ مغل جاگيردارن جو هڪ زبردست لشڪر ميرانپور تي حملو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. سنڌ جي ٻين جاگيردارن جا جٿا بہ ان لشڪر سان اچي مليا.

هن لشڪر 1717ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ ميرانپور کي گهيرو ڪيو. ٽن مهينن جي جنگ ۾ صوفين جي اوچتي رات جي ڇاپن دشمن، جاگيردارن جي فوج کي پنهنجي دفاعي پوزيشن تائين محدود رکيو هو. صوفين آخري زوردار حملي ۾ 1017 ماڻهن جي جٿي سان ڪاهيون پار ڪري مغلن تي ڪڙڪيا. هن ويڙهہ ۾ هنن گوريلا طريقي جي ڏنل هدايتن کي نظرانداز ڪيو جنهن ڪري مغل فوج کين گهيري ۾ آڻي ورتو. صوفي شاهہ عنايت کي قيد ۾ رکيو ويو. قيد دوران کيس ڊپ، ڌمڪاءُ، لوڀ ۽ لالچون ڏئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ٺٽي جي گورنر جڏهن ڏٺو تہ شاهہ عنايت کنهن بہ صورت ۾ هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ان ڪري کيس 8 جنوري 1718ع شام جو هن مرد غازي کي جلاد اڳيان آندو ويو ۽ نئين سماجي نظام جي پيڙهہ رکندڙ مساوات جي درس ڏيندڙ مفڪر، بهادر ۽ سورهہ سپاهي کي شهيد ڪيو ويو.

مرتب: نور احمد ميمڻ



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاگهل پائي

سنڌ جي هي عظيم عورت پونگر جي ڌيءُ ۽ دودي جي سڳي ڀيڻ هئي. هوءَ چنيسر ۽ دودي کان وڏي هئي. سندس پرورش ۽ پالنا وقت جي گادي واري هنڌ "وگهه ڪوٽ" ۾ ٿي. پاگهل پائي سگهڙ، سياڻي، سچار ۽ سپتي، باهمت ۽ غيرتمند سنڌي نياڻي هئي. هو سياسي سوچ رکندڙ قومي معاملن جي پرک رکندڙ ۽ راڄ ڀاڳ جي فيصلن جي اهميت ڄاڻندڙ عورت هئي. کيس سنڌ جي ڌرتيءَ سان اٿاهه پيار هو. هو قومي ڳالهين ۾ پنهنجي پائرن کي سمجهاڻيون ڏيندي رهندي هئي.

ان مان اها خبر پوي ٿي ته سومرن جي دؤر ۾ عورت جي سماجي حيثيت ڪيتري نه مٿانهين هئي. ان سلسلي ۾ اها ڳالهه به ڏاڍي اهم آهي ته هندستان جا تاريخدان رضيه سلطانه کي پهرين مسلمان حڪمران عورت مڃن ٿا، پر ان کان ڏيڍ صدي اڳ تارا پائي ۽ همون پائي پهريون سنڌي مسلمان عورتون هيون، جن مردانگي سان حڪومت هلائي.

جڏهن راڄ فيصلو ڪري پاگهل پائي کي پڳ موڪلي ته هو تارا پائي ۽ همون پائي وانگر حڪومت هلائي، تڏهن هن جواب ڏياري موڪليو ته "پائرن جي هوندي، ڀينرون پڳ نه پائينديون آهن." هن وڏيڪ دورانديشي کان ڪم وٺندي، پڳ چنيسر جي حوالي ڪئي، پر جڏهن راڄ دودي کي پڳ ٻڌائي ته چنيسر ڪاوڙمان ڀيڻ وٽ آيو. دودي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ سنڌ تي ٻاهريون لشڪر وٺي اچي پنهنجي بي عزتي جي پلاند وٺڻ لاءِ ڌڙڪا ڏيڻ لڳو. تڏهن پاگهل پائي کيس جرئتمندي سان جيڪو جواب ڏنو تنهن مان سندس قومي وفا، سياسي معاملن جي ڄاڻ ۽ ساڃيهه جي سڪ نمايان ٿئي ٿي. هوءَ کيس چوي ٿي ته: "ادا، منهنجا ڀاءُ! هي پڳ نه چنيسر جي آهي، نه وري دودي جي. هي پڳ راڄ جي آهي، جنهن کي پڳ پارائي، سوئي پڳ جو مالڪ آهي، باقي سنڌ تي ٻاهريون ڪاهرائي اچين سو صحيح نه آهي. سنڌ اسان جي ماءُ آهي ۽ اسان لاءِ ماءُ جي ٿڃ ۽ مهراڻ جو لڙاٽيل پاڻي برابر آهي. اسان سيني هن ڌرتي جي ٿڃ پيتي آهي، اسين سڀ پاڻ ۾ پائر آهيون، جتي تون امڙ جو مندو ٿيندين ته ياد رک ته ڀيڻ جا هٿ جيڪي هميشه پائرن واسطي دعائن لاءِ کڄندا آهن، اهي توکي رت ۾ ڳاڙهي ڪرڻ لاءِ تلوار به کڻي سگهن ٿا."

چنيسر اها ڳالهه ٻڌي ناراض ٿي دهلي هليو ويو ۽ ڀيڻ کان هنن لفظن جي بدلي وٺڻ لاءِ دشمن کي پاگهل جي سڱ ڏيڻ جي آڇ ڪئي.

بهرحال جڏهن جنگ ۾ دودو ننگر ابڙو ۽ ٻيا سوڍا مارجي ويا، تڏهن چنيسر پاگهل کي چوائي موڪليو ته "اسان تنهنجو سڱ علاؤالدين بادشاهه کي ڏيڻو ڪيو آهي، اميد ته تون انڪار

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ڪنديون.“ ٻاگهل ٻائي اهو ٻڌي ٻاهہ تي وئي ۽ ڪيس جواب موڪليائين تہ ”اسان ڪنهن ٻئي ملڪ يا ٻي ذات واري سان ڪڏهن بہ مائٽي نہ ڪندا آهيون. علاؤالدين جيئن تہ اسان جي ملڪ، قوم ۽ ٻولي جي لحاظ کان هر حالت ۾ ڌاريو ۽ اوپرو آهي، ان ڪري آءٌ پنهنجو ست وڪڻي پنهنجي ملڪ ۽ قوم تي اهو ڪارنهن جو ٽڪو هرگز نہ لائينديس. آءٌ اهڙي بي عزتي ۽ بي غيرتي واري سهاڳ کان سڄي ملڪ ۽ قوم جي موت کي بهتر ٿي سمجهان. جڏهن سيئي جوڌا، جوان ۽ سنگهار سوڍا، ان سوال تي سر ڏيئي سرخرو ٿيا آهن، تڏهن آءٌ ”ها“ ڪري شهيدن جي خون کي چڪيا تي چاڙهڻ نہ ٿي چاهيان.“ ٻاگهل ٻائي اهو جواب ڏئي قومي وقار کي بحال رکيو ۽ اهو سندس دليري، بهادري ۽ مردانگي جو ثبوت آهي.

ان کان پوءِ هن بلند حوصلي جو مظاهرو ڪندي، سڄي شهر ۾ هيرن جواهرن جا جنڊ ڏرايا ۽ ٻي ساري ملڪيت ساڙي ڇڏي. جيئن دشمن کي پنهنجن وسيلن ۽ مال ملڪيت منجهان فائدو وٺڻ نہ ڏجي. ان مان نمايان ٿئي ٿو تہ ٻاگهل ٻائي جنگي حڪمت عملي جي سيني معاملن مان واقف هئي. هو ايڏي تہ بهادر ۽ دلير عورت هئي، جو جڏهن ڪيس پتو پيو ٿو تہ سڀ مرد سومرا ديس تان قربان ڪري شهيد ٿي چڪا آهن، تڏهن هو سست ۽ بي همت ٿي حوصلو هاري نہ ٿي ويهي، پر ڪمال بهادري ۽ دانشمنديءَ جو ثبوت ڏيندي مردانا ڪپڙا پهري سيني گهر ڏياٽين، راڻين، شهزادين ۽ ٻانهين کي ساڻ ڪري، ابڙي جي گهر وجي ٿي. جڏهن ابڙو بہ شهيد ٿي ويو تڏهن ٻاگهل ٻائي راتو رات ”وڳهہ ڪوٽ“ ڏانهن موٽي آئي. علاؤالدين جو باقي بچيل لشڪر بہ سندس پٺيان پيو ۽ سوچياءون تہ هاڻي سومرا مرد آهن ئي ڪين ۽ ٻاگهل ٻائي اسان ٿا هٿ ڪريون. اهو لشڪر ڪوٽ ٻاهران اچي ويٺو. جنگ جي هن فيصلي ڪن موڙ تي هن عظيم عورت جنگي حڪمت عملي جو اعليٰ مظاهرو ڪندي سيني عورتن کي مردانا ڪپڙا پهرائي راتو رات ڪوٽ جي ٻانهين پيجرائي پرهہ ڦٽي جو اتان جنگي جوڌن جي قطار ڪرائي علاؤالدين اڳيان لنگهايائين ۽ ايئن ڦيرن تي ڦيرا ڏنائون، جو لشڪر ڪتي ئي ڪين. اهو لقاءُ ڏسي علاؤالدين ڪيس چوائي موڪليو تہ ”تون منهنجي قيامت تائين ڀيڻ آهين“ ۽ اقرار نامو لکيو تہ: ”سنڌ سومرن جي آهي مون جنگ ڇڏي“

اهڙي ريت سنڌ جي هن سجاڻ عورت جي بلند حوصلي ۽ بهادري سبب سنڌ ڌارين جي راڄ کان بچي وئي ۽ ڇيڙي نبيري پنهنجن جي ئي هٿ هيٺ رهي.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Jeay Sindh

# سچل سرمست

1739_1827ع




حضرت سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو. پاڻ 1152 هجري مطابق 1739ع ۾ ننڍڙي ڳوٺ درازن ۾ پيدا ٿيو. اڃا زندگيءَ جي ڇهين سال ۾ مس پهتو ته سندن والد ميان صلاح الدين لاڏاڻو ڪري ويو. والد جي وفات کانپوءِ سندن تربيت ڏاڏي ميان صاحبڏني عرف خواجه محمد حافظ ۽ چاچي ميان عبدالحق جي نظر هيٺ ٿي، جن کيس علم ادب جي پڙهڻ ۽ ان کي سمجهڻ جو ڏانءُ ڏنو. ان بعد تنهن وقت جي مشهور استادن کان عربي ۽ فارسي سکي. جڏهن ڏهن سالن جي عمر کي پهتو ته سندن ملاقات شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان ٿي، جيڪو سندس ڏاڏي ميان صاحبڏني ۽ چاچي ميان عبدالحق سان ملڻ درازن آيو هو. روايتن مطابق سچل سائينءَ جي ڳالهائڻ جي انداز ۽ بيان کي جڏهن شاهه صاحب ڏٺو ته بي اختيار ٿي چيائين ته: ”جيڪو کُنو اسان چاڙهيو آهي، تنهن جو ڍڪڻ هي ننڍڙو نينگر لاهيندو.“

سچل سرمست چوڏهن سالن جي عمر ۾ ئي ڪافي علم پرايو ۽ قرآن شريف ياد ڪيائين. ان وقت جي اهم ڪتابن جي مطالعي سان گڏ مذهب، فقه، تصوف، معرفت، شريعت ۽ طريقت جي پيچيده نڪتن کي سمجهيائين. سندن ڏاڏي ميان صاحبڏني جي لاڏاڻي کانپوءِ سندن چاچو ميان عبدالحق ئي سندن سرپرست ٿيو. پنهنجي مرشد ۽ چاچي، جنهن جي فيض مان سچل سرمست فيضياب ٿيو تنهن کي پنهنجي شعر ۾ ڏاڍو ساراهيو اٿائين.

سچل سرمست پنهنجي طور تي گهٽ ڳالهائڻ ۽ اڪيلائي پسند هو پر محفلن جو ڪوڏيو هوندو هو. ڪچهري ۽ محفلون، جن ۾ راڳ سان گڏ شاعريءَ جا به مختلف دؤر هلندا هئا، انهن ۾ خاص ڪري حاضر رهندو هو. هڪ روايت آهي ته سچل سائينءَ جن جي اوچتي ملاقات محڪم الدين سيلانيءَ سان ٿي،



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنهن ڪانپوءِ سندن طبيعت ۾ ڦيرو آيو. راڳ ڳائڻ ۽ ٻڌڻ ۾ محو ۽ مشغول رهڻ لڳو. سُر جي تار ڇڙهڻ سان ئي سندن جسم ۾ تحرڪ اچي ويندو هو.

سچل سائين شڪل شبيهه ۾ نهايت خوبصورت هو. سندن وار وڏا، قد وچولو ۽ پوري سفيد ڏاڙهي هين. سادين شين جي استعمال سان گڏ سادو ڪائڻ ۽ سادو پهرڻ سندن فطرت ۾ شامل هو. سندن شادي چاچي ميان عبدالحق جن جي نياڻيءَ سان ٿي. ڪجهه سال گذرڻ ڪانپوءِ سندن گهرواري گذاري وئي، جنهن مان کين ڪو به اولاد نه ٿيو.

حضرت سچل سرمست جي دؤر ۾ سنڌ جون حالتون سندس شاعريءَ تي پوري طرح اثرانداز ٿيون. پاڻ نور محمد ڪلهوڙي جي راڄ کان وٺي ٽالپر ميرن جي حڪومت تائين جي پوري دؤر جو اکين ڏٺو شاهد هو. انهيءَ سڄي عرصي ۾ پاڻ ذات، پات، رنگ نسل ۽ اوچ نيچ جو جيڪو فرق ڏٺو ان کي پنهنجي اعليٰ آدرشن واري شاعريءَ ۾ ننديائين. ان ڪري سندن ڪلاسيڪي شاعري مٿانهين درجي جي آهي.

سندس ڏسيل فڪري نڪتن مان اسان کي پاڻ سڃاڻڻ جو ڏس ملي ٿو. سندس شاعري انسان جي عظمت جي شاعري آهي، جنهن ۾ هو انسان کي خودفريبي واري نظريي مان ڪڍي خودشناسيءَ جو درس ڏئي ٿو. هو انسان کي دل مان نفرت، ڪروڌ ۽ ڪلفت ڪڍڻ جي تلقين ڪري ٿو.

سونهاريءَ سنڌ اهڙا تمام گهٽ اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن، جن جو ڪلام، مروج مڙني ٻولين ۾ ڇپيل هجي ۽ همعصر اديبن ۾ سندن مقام مٿانهون هجي. سچل سائين جي سنڌي، سرائيڪي، فارسي ۽ اردوءَ ۾ بلند پايي جي شاعري ملي ٿي. شاعريءَ ۾ پاڻ سچو ۽ سچيڏنو جا تخلص ڪم آندا اٿائين. فارسي شاعريءَ ۾ سندن تخلص "آشڪار" ۽ "خدائي" آهي.

سچل سائين مشهور صوفي بزرگن خواجه فريدالدين عطار ۽ منصور حلاج کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو. حقيقت جي اونهن نقطن ۽ باريڪ رازن کي سمجهائڻ لاءِ ڪيترين ئي مثنويون لکيائين، جهڙوڪ: رهبر نامه، وحدت نامه، تارنامه، عشق نامه، گداز نامه، وصلت نامه. انهيءَ ڪانسواءِ "ديوان آشڪار" سندن فارسي ڪلام جو مجموعو آهي.

حضرت سچل سرمست جا ڪيترائي مشهور طالب ۽ معتقد ٿي گذريا آهن، جيڪي پنهنجي دؤر جا الله وارا درويش مڃيا وڃن ٿا، جن مان فقير نانڪ يوسف، فقير محمد صالح قادري لاڙڪاڻي وارو، گهرام فقير جتوئي، حاجي عثمان چاڪي لاڙڪاڻوي، جانو فقير شڪارپوري، فقير غلام حيدر شر بلوچ ۽ فقير شادي خان عرف "شادي" شهيد وڏيڪ مشهور آهن.

سچل سرمست 1242 هجري مطابق 1827ع ۾ وفات ڪئي. پاڻ درازن ۾ مدفون آهن، جتي هر سال 14 رمضان رمضان المبارڪ تي عظيم الشان ميلو ۽ ادبي ميڙ ٿيندو آهي. ڏورانهن ماڳن تان ڪهي آيل اديب، شاعر ۽ عقيدتمند، هن حق ۽ سچ جي اهڃاڻ بزرگ جا اچي سلامي ٿيندا آهن.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Jeay Sindh

# مرزا قليچ بيگ

1853_1922ع



شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي والد جو نالو مرزا فريدون بيگ هو. سندس وڏڙا روس ملڪ جي ماتحت گرجستان جي گاديءَ واري هنڌ تفليس جا رهندڙ هئا. تن ڏينهن ۾ ايران ۽ روس جي وچ ۾ ٿيندڙ هڪ جنگ ۾ 1779ع ڌاري مرزا قليچ بيگ جا وڏا سنڌ ۾ آيا. هتي سندس والد مرزا فريدون بيگ جي شادي مرزا خسرو بيگ جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان کيس مرزا قليچ بيگ سميت ست پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون.

1843ع ۾ جڏهن انگريزن ٺڳيءَ ۽ چالاڪيءَ سان ميرن جي حڪومت ختم ڪئي ته حيدرآباد واري قلعي تي انگريزن جو قبضو ٿي ويو تڏهن مرزا قليچ بيگ جا مائٽ وڃي ٽنڊي سائينداد ۾ رهيا. جيڪو ٽنڊي محمد خان جي پرسان ننڍڙو شهر آهي. بعد ۾ مرزا قليچ بيگ جا وڏڙا لڏي اچي ٽنڊي مير محمود ۾ رهيا، بعد ۾ ٽنڊو نوڙهو وسايائون، جتي اڄا تائين سندن پونيئر رهندا اچن. مرزا قليچ بيگ اتي ئي 4 محرم سن 1853ع مطابق 1270هجري تي پيدا ٿيو.

Jeay Sindh

مرزا قليچ بيگ شروع ۾ پنهنجن ٻن وڏن ڀائرن سان گڏ ٽنڊي نوڙهي جي هڪ خانگي مڪتب ۾ پڙهڻ ويٺو جتي آخوند شفيع محمد وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين.

ان زماني ۾ سنڌي اسڪولن ۾ فارسي پڙهائي ويندي هئي. اتان فارسيءَ ۾ تعليم پرائڻ کان پوءِ عربي تعليم به حاصل ڪيائين. هو شروع کان محنتي هوندو هو. کيس پڙهڻ سان تمام گهڻو شوق هوندو هو. گهڻي لکڻ پڙهڻ جي مشق جي ڪري مزا صاحب ڪيترو به لکندو هو ته ٿڪبو نه هو. هڪ ئي وقت ٻه ٽي ڪتاب لکڻ شروع ڪندو هو. هڪ جو ڪجهه حصو لکي، وري ٻئي جو ڪجهه حصو لکندو هو اهڙي ريت وري ٽئين ڪتاب ۾ ڪجهه واڌارو ڪندو رهندو هو. اهوئي سبب آهي جو مرزا صاحب سون جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا. سندس لکيل ڪتابن جو تعداد 457 آهي، اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به سنڌي عالم ايتري تعداد ۾ ڪتاب نه لکيا آهن. ظاهري طور ايئن لڳي ٿو ته اهو ڪم انساني هٿن کان ممڪن ٿي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناهي، اهڙو ڪم ڪمپيوٽر ئي ڪري سگهي ٿو پر هيءَ حقيقت آهي تہ مرزا قليچ بيگ پنهنجن هٿن کان جڻ ڪمپيوٽر جو ڪم ورتو. ڪجهہ ڪتابن تي سرڪار طرفان کيس انعام اڪرام پڻ مليا. کيس حڪمت، فلسفي، اخلاق ۽ مختلف مذهبن بابت لکيل ڪتاب گهڻو پسند هئا. هن شاگردن لاءِ علم عروض (شاعريءَ جي بابت علم) ۽ گرامر تي پڻ ڪتاب لکيا.

ان کانسواءِ سرڪاري طور ملن جي مڪتبن جاري ٿيڻ کان پوءِ اتي پڙهندڙ شاگردن لاءِ بہ گهڻائي درسي ڪتاب تيار ڪيائين. ان کان علاوه تقريرون، ڪتابن جا ديباچا ۽ تمهيدون پڻ تحرير ڪيائين، جن سڀني کي گڏي "تحريرون ۽ تقريرون" جي نالي سان هڪ ڪتاب پڻ تيار ڪيائين.

اسڪول ۾ ابتدائي سنڌي پڙهائي دوران مرزا قليچ بيگ پنهنجي وڏي ڀاءُ مرزا صادق علي کان انگريزي پيو سکندو هو. سنڌي تعليم پوري ڪري، جڏهن اينگلو ورنيڪيولر اسڪول ۾ داخل ٿيو تہ سندس هوشياري ڏسي کيس ٻئي ڪلاس ۾ داخل ڪيو ويو. ان اسڪول ۾ بہ پنهنجي محنت سان ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو. جڏهن هاءِ اسڪول ۾ آيو تہ انگريزيءَ سان گڏوگڏ پنهنجي والد وٽان عربي، فارسي پڙهندو رهندو هو.

مرزا صاحب کي مختلف ٻوليون سکڻ جو پڻ گهڻو شوق هوندو هو. بمبئيءَ ۾ پڙهائي دوران کيس هڪ لائق استاد مرزا حيرت جي صحبت نصيب ٿي، جيڪو عربي، فارسي ۽ ترڪي زبانن جو وڏو عالم هو. سندس سنگت ۾ مرزا صاحب ترڪي، سنسڪرت، گجراتي ۽ مرهٽي زبانون پڻ سکيون. ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران انگريزيءَ جي ايتري ڄاڻ حاصل ڪيائين جو پاڻ انگريزيءَ ۾ شعر چوڻ لڳو.

1886ع ۾ بمبئي مان واپسيءَ تي مرزا صاحب ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران مسٽر حسن علي، مسٽر ڏيارام ۽ ڪجهہ ٻين اهل علم ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. انهن ئي ڏينهن ۾ مسٽر حسن علي سنڌ مدرسو قائم ٿي ڪيو تہ انهيءَ نيڪ ڪم ۾ مرزا قليچ بيگ سندس گهڻي مدد ڪئي. مرزا قليچ بيگ ڀائرن جي خواهش کي اهميت ڏيندي روينيو کاتي ۾ نوڪري لاءِ امتحان ۾ ويٺو. تن ڏينهن امتحان ايڏو تہ ڏکيو هو جو مرزا قليچ بيگ کانسواءِ سمورا اميدوار ناڪام ٿيا. نوڪري ملڻ کانپوءِ پاڻ سنڌ جي مختلف حصن ۾ فرض سرانجام ڏنائين.

مرزا قليچ بيگ جڏهن مئجسٽريٽ هو تہ ڪيسن جو فيصلو نهايت ئي ايمانداريءَ سان ڪندو هو. اڪثر نماز پڙهي الله تعاليٰ کان دعا گهرندو هو تہ جيئن فيصلو حق ۽ انصاف موجب ٿئي. مرزا قليچ بيگ 55 ورهين جي ڄمار ۾ 1910ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو.

تنهن وقت سنڌي زبان ۾ معياري ڪتابن جي کوٽ هئي، ان کوٽ جي پورائيءَ لاءِ پاڻ جيڪا محنت ڪيائين سا مثالي آهي. ادب جي هر صنف تي ڪتاب لکي سنڌي نثري ادب کي هر لحاظ کان شاهوڪار بنائي ڇڏيائين. سندس ادبي پورهيو گهڻي ڀاڱي اخلاق ۽ نصيحت وارو آهي. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض، حڪومت کيس "شمس العلماءَ" جو خطاب عطا ڪيو. عالمن جي آفتاب مرزا قليچ بيگ 3_جولاءِ 1929ع تي وفات ڪئي.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مولانا تاج محمود امروٽي

1841_1929ع



سونهاري سنڌ اهڙين عظيم هستين کي پئي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي سڄي حياتي انسانذات جي خدمت لاءِ وقف ڪئي، آزاديءَ جي شمع روشن ڪئي ۽ اسلام جي ڦهلاءَ ۽ بقا لاءِ پاڻ پتوڙيو.

پنهنجي دور ۾ سنڌ اندر آزاديءَ جوسپ کان وڏو اڳواڻ مولانا تاج محمود امروٽي 28 ذوالقعد 1260 هجري مطابق 22 مارچ 1841ع تي ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ڳاڙهي موري" ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم مولانا عبدالقادر پنهواري واري وٽ ۽ تصوف جي تربيت حافظ محمد صديق ڀرچونڊوي کان حاصل ڪيائين.

بعد ۾ مولانا تاج محمود امروٽ اچي اتي بدعت جي رسمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ جهاد شروع ڪيو ۽ خدا جي ٻانهن کي سڌي راهه تي آڻڻ لاءِ حيلا هلايائين. پاڻ امروٽ ۾ مدرسو به قائم ڪيائين، جتي ڪنڊ ڪڙڇ مان طالب العلم ڪهي اچي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. ٿوري ئي وقت اندر سندن چوُبول پري پري تائين وڃي پهتو ۽ وٽس سنڌ کان علاوه پنجاب، بلوچستان، ايران ۽ عراق جا ماڻهو به اچڻ لڳا. مولانا تاج محمود امروٽي روحانيت جي تعليم به جاري رکي ۽ ان اثر سبب هزارين غير مسلم سندن هٿ تي مسلمان ٿيا.

مولانا تاج محمود امروٽي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ به مجاهد مرد جي حيثيت سان اڳيان اڳيان رهيو. آزادي جي جدوجهد جي سلسلي ۾ جمعيت العلماءِ هند جي عالمن جو مکيه ڪردار رهيو آهي. مولانا نه رڳو جمعيت علماءِ هند ۾ شريڪ هو پر جمعيت علماءِ سنڌ جو صدر به هو. هن سلسلي ۾ پاڻ نه رڳو سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر ناگپور، اجمير، ميرٺ، بمبئي، دهلي، علي ڳڙهه، ڪلڪتي ۽ ديوبند تائين جلسن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سفر ڪيا. ڪلڪتي ۾ جمعيت علماءِ هند جو 1922ع ۾



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪو جلسو ٿيو هو ان ۾ امروٽي صاحب کي صدارت جي دعوت ڏيئي گهرايو ويو هو جتي صدر جي حيثيت ۾ انگريزن خلاف ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪرايائين.

جيڪب آباد ۾ خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ مولانا تاج محمود امروٽي "عدم تعاون" جي هدايت ڪندي مسلمانن کي هن "دارالحرب" مان هجرت ڪري مسلم ملڪ افغانستان ڏانهن وڃڻ جو تاڪيد ڪيو. ان ڪري هجرت تحريڪ وڏي زور شور سان شروع ٿي. سنڌ جي مسلمانن مان ڪيترا پنهنجا مال متاع ۽ زمينون وڪڻي افغانستان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ تاريخ 9 جولاءِ 1920ع تي سچو قافلو هڪ خاص ريل جي رستي بئريسٽر جان محمد جوڻيجي جي سرواڻيءَ هيٺ ڪابل روانو ٿيو.

افسوس جو مسلمانن ۾ قوم جا غدار به موجود هئا, جن انگريزن سان ساز باز ڪري کين خبردار ڪيو جنهن ڪري انگريزن افغانستان جي خودمختياري تسليم ڪري تڙ تڪڙ ۾ افغان حاڪم امير امان الله سان صلح ڪري ورتو. صلح جو هڪ شرط اهو به هو ته هندستان مان آيل مهاجرن کي پناهه نه ڏني ويندي. ان ڪري صلح بعد جلد ئي پٺاڻن سنڌي ماڻهن سان بدسلوڪي شروع ڪري ڏني. آخر ويچارا سنڌي ماڻهو ڏاڍين تڪليفن کان پوءِ دربدر ٿي اچي پنهنجي وطن پهتا.

مولانا عبيدالله سنڌي کي سياسي ۽ علمي مقصدن لاءِ سندس استاد ۽ مرشد حافظ محمد صديق ڀرچونڊيءَ, مولانا امروٽيءَ وٽ موڪليو هو. مولانا عبيدالله سنڌي جي صلاح سان امروٽ کي آزاديءَ جي تحريڪ جو مرڪز بڻايو ويو جنهن جو باني مولانا امروٽي هو. امروٽ ۾ مولانا سنڌي پورا ست سال رهيو ۽ مولانا امروٽيءَ جي تعاون سان پنهنجي پروگرام جي شروعات ڪئي ۽ اتي هڪ وڏي درسگاهه, هڪ ڪتبخانو ۽ ديني, علمي ۽ سياسي انقلاب آڻڻ لاءِ هڪ دارالاشاعت کوليو ويو. ان مقصد لاءِ پنهنجي پريس به قائم ڪئي وئي, جنهن مان گهڻن ئي ڪتابن جي ڇپجڻ کان سواءِ هڪ ماهوار رسالو به شايع ٿيڻ لڳو.

شيخ الهند جي هدايتن موجب جڏهن مولانا سنڌي کي ريشمي رومال تحريڪ جو ڪم سونپيو ويو ته هن پنهنجي رفيقن سان گڏ سڄي هندستان جا دورا ڪري عوام کي آزاديءَ جي تحريڪ کان باخبر ڪيو ۽ انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪيڻ لاءِ سڀني کي متحد ڪيو. تڏهن شيخ الهند هندستان جي ٻين آزادي پسند ليڊرن جي مشوري سان هڪ اسڪيم ۽ ان جو پروگرام ناهيو جنهن مطابق:

ملڪ ۾ هندو- مسلم اتحاد ذريعي ٻنهي کي هڪ پليٽفارم تي آڻي انگريزن سان بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي.

* قديم ۽ جديد تعليم يافته گروهن کي يڪجا ڪري آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ تيار ڪجي.

* بين الاقوامي دنيا جي اهم ملڪن فرانس, آمريڪا, جاپان, چين, جرمني, برما, انڊونيشيا



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وغيره کي پنهنجو همنوا بنائجي.

* انگريزن تي حملن ڪرڻ لاءِ جنگ جا نقشا تيار ڪجن. انگريزي لشڪر ۾ سي-آءِ-ڊي ۾ پنهنجا نوجوان جاسوس نوڪريءَ جي صورت ۾ موڪلجن.

* هڪ عبوري حڪومت جو خاڪو بنائجي.

* هندو- مسلم برابري جي بنياد تي انقلاب کان فوراً پوءِ ملڪي انتظام سنڀالين.

* ٻاهرين ملڪن ڪابل، انقره، استنبول، قسطنطنيه، برلن وغيره ۾ رضاڪارن جي ڀرتيءَ لاءِ مرڪز کوليا وڃن.

ريشمي رومال تحريڪ جي انهيءَ منصوبي جو اتر هندستان ۾ امروٽ کي مرڪز بنايو ويو ۽ مولانا امروٽي ان مرڪز جو اڳواڻ مقرر ٿيو. آزاديءَ جي تحريڪ جا سمورا ڪارڪن هندستان، افغانستان ۽ آزاد قبيلن جي رهاڪن سان لکپڙهه لاءِ ريشمي زرد ڪپڙي جي پرت يا اٽت ۾ لڪائي ڪندا هئا جيڪا واپاري سامان سان گڏي واپارين هٿ هڪ ٻئي ڏي موڪليندا هئا. ريشمي رومال ۾ هندستان تي حملي جي تاريخ 19 فيبروري 1918ع هئي، پر افسوس جو رستي تي اهو منصوبو پڌرو ٿي يو. انگريز خبردار ٿي ويا ۽ سخت قدم کنيائون. سيني آزادي پسندن کي گرفتار ڪيو ويو. شيخ الهند کي حجاز ۾ گرفتار ڪري کيس مالٽا ۾ نظربند ڪيائون. سنڌ ۾ ٻين بزرگن سان گڏ مولانا امروٽيءَ کي به گرفتار ڪيو ويو پر ثبوت نه ملڻ ڪري کيس آزاد ڪيو ويو. بهرحال آزاديءَ جي ريشمي رومال تحريڪ ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ انگريزن نهايت سختيءَ سان ان تحريڪ کي دٻائي ڇڏيو.

مولانا تاج محمود امروٽي سنڌ جو اهو ناميارو عالم هو جنهن جي قومي خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. سندن هڪ اهم ڪارنامو قرآن شريف جو سولي سنڌيءَ ۾ بامحاورا ترجمو آهي. سندس خيال هو ته قرآن شريف جي هدايت سان سڌو سنئون فيض وٺي سنڌ جا ماڻهو اعليٰ انساني ۽ سماجي قدرن کي حاصل ڪري سگهن ٿا. سنڌ جي ماڻهن کي هر قسم جي وهمن، ڪمزور عقيدن ۽ انساني غلامين کان ٻاهر رکڻ لاءِ پاڻ توحيد جي عقيدي کي ڦهلائڻ لاءِ اثرائتيون ڪوششون ورتائين. سندس انهن ڪوشش کي ڏسي نبي ڪريم ﷺ جي هي حديث سامهون اچي وڃي ٿي ته ”منهنجي امت جي عالمن جو مثال بني اسرائيل جي نبين وانگر آهي.“

پاڻ آخري عمر ۾ ضعيف ٿي پيا. آخر 88 ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ 3 جمادي الثاني 1343ع مطابق 4 نومبر 1929ع تي وفات ڪيائون.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ديوان ڏيارام گدو مل شاهاڻي

1857_1928ع



سنڌ ۾ الله لوڪ ماڻهن جي ڪڏهن به ڪمي نه رهي آهي. هتي ورهاڱي کان به اڳ انسانن جي خدمت ۾ پنهنجو پاڻ کي حوالي ڪندڙ اهڙو نالو موجود آهي، جيڪو پنهنجي دور ۾ ايڏي ۾ مدر ٽريسا جو هڪ روپ هو. انسان دوستي، سماجي سڌاري ۽ علم جي روشني ڦهلائڻ لاءِ ڪوششون وٺڻ ۾ سنڌ جي صحيح معنيٰ ۾ سيوا ڪندڙن ۾ ديوان ڏيارام گدو مل هميشه سونهري لفظن ۾ لکيو ويندو.

ديوان ڏيارام ولد گدو مل شاهاڻي حيدرآباد ۾ سن 1857ع ۾ پيدا ٿيو. ان دور جي دستور موجب سندس ابتدائي تعليم فارسيءَ ۾ ٿي.

هن 1867ع ۾ انگريزي اسڪول ۾ داخلا ورتي. جڏهن ميٽرڪ جو امتحان بمبئي ۾ ڏيڻ ويو ته اتي ترسي پيو ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ الفنسٽن ڪاليج جو رخ ڪيائين. بي اي ڪرڻ کانپوءِ واپس آيو ۽ اچي ڪورٽ ۾ ڪلارڪ ٿيو. اتي ئي ايل ايل بي جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن کان پوءِ "سمال ڪاز ڪورٽ" جو جج بڻيو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آخر 1903ع ڌاري هو سنڌ جو پهريون مڪاني جڊيشل ڪمشنر بڻيو. هن پنهنجي دؤر ۾ اهڙا فيصلا ڪيا، جن سنڌ جو مان مٿاهون ڪيو ۽ پوري هندستان ۾ هاڪ هئي تہ "جج تہ سنڌ جا." پوري ننڍي کنڊ ۾ اهو مشهور هو تہ "سنڌ جو جج ۽ انصاف نہ ڪري، اها ڳالهہ محال آهي!" فيصلي ڪرڻ وقت هو وقت جي گورن حاڪمن کي بہ ليکي ۾ بہ آڻيندو هو.

هڪ ڀيري ڪو انگريز ڪمشنر وٽس ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ سفارشي ٿي ويو. ڪيس در ڪان ٻاهران ئي واپس ڪري ڇڏيائين.

احمد آباد ۾ 13 سالن کان مسجد ۽ مندر جو هڪ ڪيس نہ ٿي اُڪليو هن وڏي جرئت سان اهو اڪلايو ۽ فيصلو مسلمانن جي حق ۾ ڏنو.

ديوان ڏيارام جو تعليم سان بيحد چاهہ هو. هن پنهنجي علم جي شوق خاطر فارسيءَ سان گڏ سنسڪرت، گجراتي، گرمکي، عربي ۽ انگريزي زبانون سکيون. انهن تي وڏي دسترس حاصل ڪيائين، جو مٿين سڀني زبانن ۾ سندس لکيتون موجود آهن. شاهہ لطيف تي انگريزيءَ ۾ سڀ کان آڳاٽو ڪتاب "Some Thing About Sindh" بہ هن ئي 1882ع ۾ لکيو.

ٻاهرين دنيا گهمندي، هن ڇاڻي ورتو هو تہ جيستائين سنڌ ۾ اعليٰ تعليم جو ڪو مناسب بندوبست نٿو ٿئي، تيستائين سنڌ ترقي ڪري نہ سگهندي تنهن ڪري هن هڪ ويجهي عزيز ديوان ڏيارام ڄيٺمل ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ديوان مٺا رام جي سهڪار سان ڪراچيءَ ۾ ڏيارام ڄيٺمل (ڊي_جي) ڪاليج قائم ڪيو ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ "مٺا رام هاسٽل" جوڙائي. اهي ٻئي ادارا اڄ بہ قائم دائم آهن. ان سان گڏ هن حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج قائم ڪيو. انهن ادارن سنڌ جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي، انهن تعليمي ادارن ڪري ڪيس نئين سنڌ جو اڏيندڙ ليکيو وڃي ٿو.

مختلف وقتن تي ديوان ڏيارام ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽي، ڪراچي ميونسپل ڪاميٽي، سنڌ سڌار اخبار، خالقڏني هال لائبريري ۽ ٻين ڪيترن علمي ادبي ادارن جو صلاحڪار ۽ ڪميٽين جو ميمبر هو جتي هو باقاعده ويندو هو. انهن علمي ادبي خدمتن سان گڏ، سندس بنيادي ڪم سماج جي سيوا ڪرڻ هئي. نوڪريءَ جي سلسلي ۾ هو شڪارپور، لاڙڪاڻو احمد آباد، سورت، خانديش، پونو وغيره ۾ رهيو. هر هنڌ انصاف ۽ سماجي خدمت جي حوالي سان نالو ڪڍيائين.

وٽس اباڻي دولت بہ ڪافي هئي ۽ پگهار بہ سٺي ملندي هيس، پر هو سڀ رقم ڀلائي جي ڪمن تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. ڪنهن لڳا، سندس عزيز مناسب علاج نہ هئڻ ڪري، سلهہ جي بيماري وگهي مري ويا، ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. نتيجي ۾ هن ڌرمپور ۾ سلهہ جو سينيٽوريم کولرايو.

حيدرآباد ۾ بہ دفعا پليگ جي بيماري پئي، ٻئي دفعا پنهنجي خرچ سان اسپتالون کوليائين، جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڻ ويهندو هو ۽ بيمارن جي خدمت چاڪري ڪندو هو. خود پليگ ۾



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قاسڻ جو ڪو انديشو ڪو نہ رکندو هو. خانديش ۾ اهڙو ڏڪار پيو جو ماڻهو پنهنجا ٻارڙا ڦٽي ڪري گم ٿي ويا يا مرندا ٿي رهيا. ڏيارام اتي پهتو. ماڻهن جي مدد ڪيائين ۽ ٻارڙن کي گڏ ڪري پرورش جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيائين. ان ”چائيلڊ هوم“ ۾ اٺ سئو ٻار داخل هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ وري ڪڇ پاسي ڏڪار پيو تہ سندن سهائتا لاءِ اتي بہ پهتو.

ديوان ڏيارام امرتسر ۾ لاوارث ماڻهن لاءِ ”شانتي آشرم“ قائم ڪيو ۽ لکو لک لائبريري بہ کوليائين تہ ماڻهو سڪون سان وقت گذاري سگهن. ڪلڪتي جي سائنسي انسٽيٽيوٽ (جتي سر جڳديش بوس وڻن جي ٻولين سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي) لاءِ مستقل گرانٽ مقرر ڪيائين، جنهن جي ڪل رقم اڳواٽ انتظاميا جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

جڳ مشهور شاعر رابندرناٿ ٽئگور ماڻهن جي انقلابي تعليم ۽ تربيت لاءِ ”شانتي نڪيتن“ نالي سان جيڪو ادارو قائم ڪيو هو ان کي بہ ديوان ڏيارام مناسب امداد بدستور موڪليندو رهندو هو.

ڪراچيءَ ۾ شيوا ڪنج ۽ شرن گٽي لائبريري قائم ڪيائين. ڪوڙهين جي اسپتال ڪولرائڻ ۾ سندس هٿ ۽ پئسو شامل هو. جن ٻين ادارن کي سندس ٽرسٽ مان پئسا ملندا هئا، انهن جي فهرست ڊگهي آهي.

1911ع ۾ سرڪاري نوڪري مان رٽائر ڪيائين ۽ هوميو پيٿي سکيو جنهن ذريعي غريبن جي دوا درمل ڪرڻ لڳو ان دوران سندس سڄو لاڙو خدمت خلق طرف رهيو. وڏن ماڻهن سان ملڻ صفا ڇڏي ڏنائين. گانڌي جي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ انهن جي پائي جا ٻيا ڪيترا ماڻهو وٽس ملاقات لاءِ ويا تہ ڪين موٽائي ڇڏيائين.

ديوان ڏيارام ذاتي زندگي نهايت سادي گذاريندو هو. سادڙا ڪپڙا پائيندو هو جيڪي هو ڌوئيندو بہ پاڻ هو. سفيد پٽڪو پائيندو هو پر انهن جي ورن جي بيهڪ ڏسڻ لاءِ درن ۾ لڳل آئيني ۾ ڏسندو هو گهر ۾ آرسي وٺڻ کي بہ فضول ٿي ڄاتائين. زرعي زمين مان جيڪا ڪيس اپت ملندي هئي، اها سڀ جا سڀ ادارن ڏانهن هلي ويندي هئي، البت ڪيس جيڪا 1120 رپيا پگهار ملندي هئي، ان مان بہ پاڻ ڏيڍ سئو رپيا رکندو هو باقي رقم تعليمي ادارن ڏانهن موڪليندو هو.

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ جو زمانو بمبئي ۾ گذاريائين، جتي 1927ع ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

مرتب: آفتاب ابڙو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سيد صبغت الله شاهہ

1909_1943ع



سنڌ سونهاري، فقيرن جي خانقاهن ۽ درويشن جي درگاهن جو مرڪز پئي رهي آهي. انهن درگاهن مان خاص پير ڳوٺ جي درگاهہ راشديہ آهي، جنهن جون علمي، ادبي ۽ قومي خدمتون، اسان جي تاريخ جو سونهري ورق آهن. هن درگاهہ جن شخصيتن کي جنم ڏنو تن مان سيد صبغت الله شاهہ صف اول جا سرموڙ آهن.

سيد صبغت الله شاهہ جن جي ولادت 13 صفر 1327 هجري ۾ ٿي. هو "ڪوٽ ڏٺي" شاهہ مردان شاهہ جو فرزند هو. ننڍپڻ کان ئي آزاد طبع، حريت پسند ۽ سامراج دشمني رکندڙ هو. جرئت، همت، جوان مردي، جفاڪشي، ارادي جي پختگي، تنظيمي صلاحيتون، تدبر ۽ خوداعتمادي سندس طبيعت جون اهم خوبيون هيون. پاڻ فن سپاهگيري جو بہ وڏو ڄاڻو هو.

پير صاحب نهايت سادو ۽ شريف انسان هو تڪبر ۽ وڏائيءَ کان پري هو پنهنجي ماني پاڻ پچائيندو هو پنهنجن فقيرن سان گڏجي رواجي ڪم بہ ڪندو هو پر تڏهن بہ خودار ۽ عزت نفس جو مالڪ هو.

شاهہ مردان شاهہ جي لاڏاڻي بعد "پيرپاڳاري" جي حيثيت ۾ سندس دستاربندي ٿي، جيئن تہ ان وقت پاڻ ننڍي عمر جو هو ان ڪري سندن ويجهن عزيزن سان گڏ انگريزن جي ڇاڙتن جي اها اميد هئي تہ پير پاڳارو سندن صلاحن تي اٿندو ويهندو پر پاڻ آزاد طبع انسان هئڻ ڪري سندن مشورن کي رڳو مشورا ڪري ڄاڻائين. انهن مان گهڻا مشورا اهڙا هوندا هئا، جن کي هو



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن جو تيئن مجڻ لاءِ تيار نہ هو.

هن پنهنجي چوڏاري رونما ٿيندڙ واقعن ۾ حالتن کي غور سان ڏٺو ۽ جاچيو. تاريخ ۽ سياست جي کيس چڱي پروڙ پئي. هو صرف 12 سالن جي عمر ۾ تخت تي ويٺو. اهو انگريزن جو دور هو جن ديس واسين کي، طرحين طرحين جا عذاب ڏنا، غلامي جي آڙاهہ ۾ پئي جلايو. پير صاحب کي سڀ خبر هئي تہ ماضيءَ ۾ سندس وڏن سان، انگريز حڪومت ڇا ڇا نہ ڪيو؟ ان ڪري کين انگريزن کان ذاتي نفرت هئي. هڪ ڀيري، سندس چاچي علي گوهر شاهہ ثاني جي نالي، انگريزن طرفان مليل ڪو آفرين نامو فريم ۾ ڪمري جي ڀت تي ڏنائين. سندس غيور ذهن اهو نہ قبوليو ۽ چيائين تہ "اسان جا وڏا، کهڙا بہ سادا هئا، جو الله تعاليٰ، سندن ذاتي عزت ايتري بلند ڪئي، پر تنهن هوندي بہ هي رکي ڇڏيا اٿن." ايئن چئي، اهو آفرين نامو ۽ فريم لهرائي ڀڃي ڇڏيائين.

انگريز حڪومت تہ اڳي ئي هن گادي کي سياسي ۽ خودمختياري جي تحريڪن ۾ حصي وٺڻ ڪري، شڪ جي نظر سان ڏسندي هئي، تنهن ڪري انگريزن پير صاحب تي اثر وجهڻ شروع ڪيو ۽ کيس لالچائڻ لڳا. هڪ ڀيري برٽش حڪومت کين هڪ تلوار، هڪ بندوق ۽ خطاب ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر پاڻ جواب ڏنائين تہ هٿيار اسان وٽ پنهنجا ئي ڪوڙ آهن، ۽ پير پاڳاري جو خانداني خطاب ڪافي آهي. اسان کي هنن هترادو خطابن جي ضرورت نہ آهي." انگريز، ڀلا ڪٿي ٿا اهڙي خودمختياري حريت پسند سنڌيءَ کي برداشت ڪن؟ سنڌس باغيانہ خيال ڏسي انگريزن ڪوڙو ڪيس تيار ڪري، پير صاحب کي رتناگري جيل ۾ قيد ڪري رکيو.

ڏهہ سال، سزا ڪاٽڻ ڪانپوءِ، پاڻ آزاد ٿي، جڏهن وطن وريو تہ پنهنجي جماعت کي منظم ڪرڻ شروع ڪيائين. منجهائن سماجي براين کي ختم ڪرڻ لاءِ، حڪم ڪيائين تہ "هو هر قسم جي نشي کان پرهيز ڪن، ڪو بہ ولائتي ڪپڙو نہ پائين، پر پنهنجي ملڪ جو ٺهيل ڪپڙو ڪم آڻين. ڳوٺن ۾ مسلمان توڙي هندو متفق ٿي رهن ۽ ڪو بہ فتنو فساد نہ ڪن." پاڻ هندو-مسلم اتحاد قائم ڪري، پنهنجي جماعت مان، معاشرتي برايون ڪڍي منجهن احساس بالاتري پيدا ڪري هڪ متحده محاذ ناهي، انگريز حڪومت خلاف آزاديءَ جي تحريڪ هلائڻ پئي چاهي. ان ڪري هن "غازي تحريڪ" جو بنياد وجهي، پنهجن مريدن کي حڪم ڪيو تہ سڀ غازي اچي نالو داخل ڪرائين. سوين سرفروش مريد، سر سان ڪفن ٻڌي، بنگلي تي اچي گڏ ٿيا.

انگريز حڪومت، پير صاحب جي چرپر تي ڪرڙي نظر پئي رکي. کين جڏهن غازي تحريڪ جي خبر پئي، تہ هنن کي باهہ وٺي وئي. حڪومت پير صاحب تي الزام هنيو تہ هو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجن مريدن کي تربيت ڏئي، حڪومت خلاف اپاري رهيو آهي. ان مرحلي تي حڪومت طرفان اها حڪمت عملي جوڙي وئي تہ پير صاحب تي ڪو ٺورو ڪري کين اهو محسوس ڪرايو وڃي تہ انگريز سرڪار سندن قدر ڪري ٿي. پر پير صاحب وري بہ خطاب ۽ انعام وٺڻ کان انڪار ڪندي انگريز سرڪار جي اها آڇ بہ ٺڪرائي ڇڏي. ان ڪانپوءِ کين گرفتار ڪيو ويو. بس پوءِ تہ وٺ وٺان ٿي وئي. حرن ۽ انگريز سپاهين جو ڏويڊو مقابلو ٿيو. ساري سنڌ ۾ باهہ ٻري وئي. مارشل لا لڳائي وئي، فساد ٿيا، سرڪاري عملدار مئا، ريلون ڪريون، پوليس ٿاڻا ۽ آفيسون سڙيون، نوجوان ۽ بهادر سنڌي سوڍن کي سنگينن سان چيريو ويو. ڪن کي لوڙهن ۾ واڙيو ويو ڪن کي جلاوطن ڪيو ويو ۽ ڪن کي ڪاري پاڻي اماڻيو ٻڍن ٻارن ۽ عورتن کي قيد ڪيو ويو. انگريزن جي ڏاڍاين سان منهن ڏيڻ لاءِ سانگهڙ ضلعي جي مکي ٻيلي ۾ نندي ڪنڊ جي سپ کان ڇتي گوريلا وار شروع ڪئي وئي جنهن انگريزن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ انگريزن نندي ڪنڊ جي سپ کان پهرين مارشل لا 1942ع ۾ سنڌ ۾ لاڳو ڪئي. هي اهو زمانو هو جڏهن ريشمي رومال تحريڪ جي حڪمت عملي تحت مولانا محمد صادق کڏي واري مڪران ۾ پنهنجي پوئلڳن کان بغاوت ڪرائي، ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزن کي عراق واري محاذ تي اسلحي جي سپلاءِ پهچڻ نہ ڏني ۽ انگريزن کي اتي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو. ويتر سنڌ جي گوريلا جنگ انگريزن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون، انڪري انگريزن لاءِ انهيءَ ڪانسواءِ ڪو چارو ئي نہ رهيو تہ اهي نندي ڪنڊ کي ڇڏي وڃڻ جو واعدو ڪن.

سنڌين جي ان گوريلا جنگ ۾ بمبار هوائي جهاز ٽئنڪون ۽ توبون استعمال ڪيون ويون ۽ بمبئي کان جهاز اچي سنڌ تي بمباري ڪندا هئا، پر پير صاحب ۽ سندس جماعت هڪ انچ بہ پوئتي نہ هٽي. آخر انگريز حڪومت ڪيس ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. ڦاسي جو ٻڌي پير صاحب کي ڪو بہ رنج يا ملال نہ ٿيو پر پاڻ خوش ٿيندي چيائين تہ "حق جي راهہ ۾ شهادت حاصل ڪرڻ، منهنجن ابن ڏاڏن جي سنت آهي، اسان جنهن شيءِ کي حق سمجهون ٿا، ان لاءِ ڦاسي تي چڙهڻ اسان لاءِ عبادت آهي، اسان غلام ٿيڻ لاءِ نہ پر غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ پنهنجو مقصد حيات سمجهون ٿا." آخر پاڻ 30 مارچ 1943ع تي صبح جو 8 وڳي سر ڏئي سرها ٿيا.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شهيد الله بخش سومرو

1900_1943ع



شهيد الله بخش سومرو سنڌ جي سياست جي اهڙي بهادر ۽ بااصول شخصيت هو جنهن نئين خودمختيار ۽ خوشحال سنڌ جي اڏوات لاءِ ڏينهن رات پاڻ پتوڙيو ۽ ان جي صلي ۾ سندس ئي وطن جي همعصرن سخت رسوائيون ۽ اذيتون ڏنيون. مگر جڏهن هن مرد مجاهد ۽ سچي سورهيہ اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي، ناحق جو ساٿ نہ ڏنو ۽ آخر نہ مڃي تہ ڪيس قتل ڪيو ويو. جن مورکن اهو ڪڌو ڪم ڪيو تن اهو نہ سمجهيو تہ اهو موت ابدي زندگيءَ جي نويد هو. شهادت مرد جو شيوو آهي ۽ مسلمان لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ سعادت ڪانهي.

شهيد الله بخش، حاجي محمد عمر سومري جو وڏو فرزند هو ۽ 1900ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو. هو نهايت ذهين ۽ تيز فهم هو. ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. پوءِ والد سان گڏجي ٺيڪن ۽ زمينداري جي سنڀال ۾ مصروف رهيو. هوشياري ۽ نيت جي صفائيءَ سببان هن گهڻو ڪمايو ۽ جيترو ڪمائيندو هو اوترو ڪشاده دليءَ سان خرچ بہ ڪري ڄاڻندو هو. مجلسن ۽ محفلن، يارن ۽ دوستن، مسڪينن، محتاجن ۽ بيواهن، علمي ادارن، مدرسن ۽ شاگردن تي خرچ ڪرڻ ۾ هٿ ڇوٽ هوندي هيس، ان ڪري سندس اثر رسوخ ويو وڌندو.



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1922ع ۾ سندس خدمتن جي اعتراف ۾ کيس جيڪب آباد ميونسپالٽي ۽ ضلعي لوڪل بورڊ، سکر جو ميمبر چونڊيو ويو جتي کيس سر شاهنواز ڀٽو جي ساٿي ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. ڀٽو صاحب بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسلمان ميمبرن جو ليڊر هو. 1928ع الله بخش صاحب ضلعي لوڪل بورڊ، سکر جو صدر چونڊيو ويو سکر ۽ جيڪب آباد ضلعا وڏن زميندارن ۽ قبيلن جي سردارن جي رهائش ۽ اثر وارا ضلعا هوندا هئا، پر رڳو پنهنجي لياقت، قابليت، خوش خلقي، خدمت، لڳ لاڳاپي ۽ ڪشاده دليءَ سببان، هي ننڍو زميندار ۽ ٻي راڄو ماڻهو ٻنهي ضلعن تي حاوي رهيو.

1926ع کان 1936ع تائين بمبئي ڪائونسل جي ميمبري واري عرصي ۾ کيس ڪائونسل سان واسطي رکندڙ يا سرڪاري ڪاميٽين تي چونڊيو ويو جتي کيس انتظامي ڪمن جو گهڻو تجربو حاصل ٿيو. هن سکر بئراج جي اڏاوت ۽ بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ واري تحريڪ ۾ حصو ورتو. لوڪل بورڊن جي تنظيم، اختيارن ۽ سڌارن لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو.

21 مارچ 1938ع ۾ وزيراعليٰ ٿيو. بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ واري زماني ۾ هن جيڪا حيثيت ۽ شهرت حاصل ڪئي هئي، سا سندس ٻين هم وطنن ۽ رفيقن کي نہ پئي ٿي-هو سندس غيرمعمولي ذهانت کان ڏنا ٿي. سندس دلين تي اهو تاثر ويٺل هو تہ جيسين الله بخش سنڌ اسيمبليءَ ۾ موجود آهي، تيسين هنن جو اُسرڻ مشڪل آهي ۽ وڏيرڪي سياست جو اثر رسوخ ناممڪن آهي. وقت جي تقاضا هئي تہ سنڌ اسيمبلي جا سمورا (35) مسلمان ميمبر پاڻ ۾ پختو اتحاد ڪري، باهمي تعاون سان ۽ پڻ تعميري ڪم ڪرڻ جي خواهشمند غير مسلم ميمبرن جي سهڪار سان سنڌ صوبي ۽ عوامي جي ڀلائيءَ لاءِ ڪو ڪم ڪري سگهن. پر ستت ئي مسجد منزل گاهہ سکر جي معاملي تان فساد ٿيا. جي ايم سيد ۽ ايوب کهڙي انهن فسادن کي اڀارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. فسادن جي ڪري سال کن وزارت کان ٻاهر رهيو پر 1941ع ۾ ٻيهر وزيراعليٰ ٿيو.

26 سيپٽمبر 1942ع تي، هندستان جي وائيسراءِ کي خط لکي، انگريزن طرفان قوم پرستن تي ٿيندڙ سختين جي خلاف احتجاج ڪيائين ۽ پنهنجا لقب-خانبهادر ۽ او بي اي واپس ڪيائين، جنهن جي پاداش ۾ سنڌ جي گورنر سر هيوڊائو کيس استعيفيٰ ڏيڻ لاءِ چيو جنهن کان انڪار ڪرڻ سببان، هن کيس 10 آڪٽوبر 1942ع ۾ ڊسمس ڪيو. حالانڪ کيس اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اڪثريت جي حمايت حاصل هئي. اڳواڻن ۽ اخبارن انهيءَ غير



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جمهوري قدم جي مذمت ڪئي.

ان ڪانپوءِ هن سماجي ڪمن ۾ پاڻ کي مصروف رکيو. ان وقت وڏيون ٻوڏون آيون هيون جن ۾ هن پنهنجي زرخيز آباد زمينن کي ٻوڙائي شڪارپورشهر کي بچايو. فرصت جي وقت ۾ قرآن مجيد جو مطالعو ۽ سوشلزم ۽ اقتصادي مسئلن جو اڀياس ڪندو رهيو. پنهنجي دوست وڏيري علي نواز ڪلهوڙي کي چيو هئائين تہ ڪو روشن خيال عالم دين هجي، جيڪو کيس قرآن مجيد جو تفسير پڙهائي. چنانچہ سنڌ ۾ شاهہ ولي الله دهلوي جي فلسفي ۽ فڪر جي ڄاڻو مولانا عبيدالله سنڌي جي امانتدار شاگرد، مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ کي ان نيڪ ڪم لاءِ منتخب ڪيو ويو.

سنڌ صوبي جي ڀلائيءَ ۽ بهبود لاءِ سندس رٿيل پروگرام جو خاڪو انهيءَ بيان ۾ ڄاڻايل آهي، جيڪو وڏي وزير جي حيثيت ۾ 29 مارچ 1938ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ڏنو هئائين، جنهن ۾ هن سنڌ کي نيشنلزم جي بنياد تي هڪ مڪمل خودمختار ملڪ جي حيثيت ۾ آزاد ٿيڻ جي حڪمت عملي اختيار تي ڪاربند رهڻ جو عزم ڪيو هو. سندس ڪوشش هئي تہ جهڙي طرح انگريز سريلنڪا ۽ برما کي خودمختيار ملڪ جي حيثيت ۾ ڇڏي ويجي رهيا آهن، اهڙي طرح سنڌ کي بہ خودمختيار ملڪ جي حيثيت ڏني وڃي. ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي قبضي وقت سنڌ جي حيثيت هڪ خودمختيار ملڪ جي هئي. شهيد الله بخش سومرو سنڌ ۾ سماجي انقلاب آڻڻ جي لاءِ ترقي پسند اسلامي گروپ جي سيني کان وڏي اڳواڻ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کي واپس سنڌ گهرائي ورتو، جيڪو ان وقت 19 سالہ جلاوطني هيٺ مڪي شريف ۾ ترسيل هو. مولانا عبيدالله سنڌي ان وقت سڄي سنڌ جا دورا ڪري ماڻهن ۾ انقلابي روح ڦوڪڻ جون ڪوششون ڪيون. ايتري ۾ شهيد سومري جي حڪومت ختم ڪئي وئي ۽ سست ئي پوءِ 14 مئي 1943ع تي کيس شهيد ڪيو ويو.

اهڙي طرح جمهوريت، بي تعصبي ۽ بي غرضي، ذهن جي ڪشادگي، بلند نظري ۽ وسيع القلبي، گهڻ ڀلائي ۽ مستقل بهبود، امن ۽ آشتي، عدل ۽ احسان، برابري ۽ ڀائيچاري، باهمي سهڪار واري سماجي نظام، شرافت ۽ امانت واري قومپرست سياست جو هي علمبردار سنڌ کان کسجي ويو. ليڪن سندس اصولن ۽ آزاد سنڌ لاءِ ٻاريل شمع پوءِ بہ روشن رهي.

مرتب: غلام اڪبر چنو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

1883_1942ع



سنڌ جو نامور انسان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 1883ع ۾ سيوهڻ جي مشهور عباسي خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندن والد جو نالو حڪيم حافظ غلام محي الدين هو. تنهن وقت فارسي ۽ عربي جي تعليم جي اهميت جي ڪري سندن والد ڪين ڏهن سالن جي عمر ۾ فارسي ۽ عربي پڙهائڻ شروع ڪئي ۽ مولوي محمد عمر چنا وٽ ڪيس وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ ويهاريو ويو. هو اڃا يارنهن سالن جو ئي هو تہ سندن والد گذاري ويو جنهن ڪانپوءِ مولوي محمد عمر جي صلاح سان حڪيم صاحب تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ پيروز شاهہ ۾ مولوي عطاءُالله جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. مختلف مدرسن ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ 21 سالن جي ڄمار ۾ حڪيم صاحب ڪي فارغ ڪيو ويو.

مدرسي مان فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ هن درس و تدريس سان گڏ پنهنجي خانداني پيشي طب جو شغل اختيار ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ اوچتو سنڌ مدرسي جي پرنسيپال مسٽر وائينس وٽان



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1905ع ۾ ڪين هڪ تار پهتي، جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ: "اوهان کي سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ عربي ۽ فارسي جو استاد مقرر ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري يڪدم پهچو." ڪيس پنهنجي قائم ڪيل مدرسي ۾ ڪم ڪرڻ جو گهڻو شوق هو پر عزيزن دوستن جي صلاح سان ڪراچي روانو ٿيو. توڙي جو اهڙي اهم ۽ مشهور اداري ۾ حڪيم صاحب عمر ۾ سڀني کان ننڍو هو پر پنهنجي محنت ۽ قابليت سان استادن توڙي شاگردن ۾ وڏو نالو پيدا ڪيائين. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو تہ سندن صلاحيتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. جن مان نہ رڳو تنهن وقت جي ماڻهن کي فائدو پهتو پر اڄ بہ سموري سنڌ سندن ڪيل خدمتن جو ڪٿيو ڪائي رهي آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي سياسي زندگيءَ جي شروعات نوشهروفيروز ۾ رهائش کان پوءِ شروع ٿئي ٿي. ان وقت سنڌ جي مشهور سياسي اڳواڻ سيد الهہ آندي شاهہ سان سندس ملاقاتون ۽ سياست تي بحث مباحثا ٿيندا رهندا هئا. سياست بابت حڪيم صاحب جا خيال هوندا هئا تہ: "انسان هڪ مجسمو آهي ۽ سياست ان جو روح. جنهن انسان ۾ سياسي شعور نہ آهي، سو هڪ بيجان جسم مثال آهي." سندن وڏن مان ڪو بہ انگريز سرڪار جو پڳهاردار يا جاگيردار ڪو نہ هو انهيءَ ڪري پاڻ بہ سرڪاري نوڪري نہ ڪيائين. ڪيس شروع کان ئي انگريزن جي غلاميءَ کان نفرت هئي.

سندس مذهبي وابستگي بہ ڏيکاءَ کان بلڪل خالي ۽ اصل اسلامي روح مطابق هئي، جنهن متعلق پاڻ پنهنجي هڪڙي مضمون ۾ لکي ٿو تہ: "آئون خود انهيءَ خيال جو ماڻهو آهيان تہ انسان کي پهريائين انسان ٿيڻ گهرجي، پوءِ هندو يا مسلمان.....جيڪڏهن ڪنهن هندو يا مسلمان ۾ انسانيت ڪانهي، بلڪ هو وحشي ٿي ٿو گذاري تہ آءٌ يقين سان چوندس تہ نہ هو هندو آهي ۽ نہ ئي مسلمان. انسانيت کي سمجهڻ ۽ نباهڻ ئي مذهب آهي. جيڪڏهن ڪو هندو يا مسلمان انسان سڏائي جانورن جهڙا ڪم ڪري ٿو تہ اهو لامذهب چئبو. انسان جي معنيٰ ئي آهي هڪٻئي سان اُنس، تاهہ ۾ هلڻ".

حڪيم صاحب ننڍي کنڊ جي ترت آزاديءَ جو حامي هو. انگريز شهنشاهيت جو سخت دشمن هو. هو قومي خيالن جو مسلمان هو ۽ جمعيت العماءِ هند جو رڪن هو جا ڪانگريس سان شراڪت ڪري ملڪي آزادي حاصل ڪرڻ چاهيندي هئي.

خلافت تحريڪ هند توڙي سنڌ جي عوام ۽ عالمن جي هڪ بيمثال گڏيل تحريڪ هئي. خاص طرح سنڌ جي هن تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. حقيقت ۾ خلافت تحريڪ جو جسم



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هند ۾ هو تہ ان جو روح سنڌ هئي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، رئيس جان محمد جوڻيجو، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ ۾ هن تحريڪ جا روح روان هئا. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي شروع کان آخر تائين هن تحريڪ جو ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ گهڻو عرصو سنڌ خلافت تحريڪ جو سيڪريٽري ٿي رهيو.

حڪيم صاحب جمعيت العلماءِ هند سان شروع کان آخر تائين نباهيندو آيو. اِها اُها جماعت هئي، جنهن جڏهن ترڪي جي ظالم سلطان وحيدالدين، عيسائي اتحادين سان ملي جمهوريت پسند ترڪ نوجوانن کي مارڻ شروع ڪيو ۽ اها فتويٰ ڏني تہ ”جيڪي شخص مصطفيٰ ڪمال ۽ ان جي ساٿين کي قتل ڪندا سي جنت ۾ ويندا.“ تڏهن هن جماعت جي عالمن ان فتويٰ جي سخت مخالفت ڪئي ۽ مصطفيٰ ڪمال جي حمايت ۾ بيان ڏنا.

حڪيم صاحب جمعيت العلماءِ سنڌ جي مکيہ اڳواڻن مان هڪ هو. مولانا صادق (کڏي وارو) ۽ حڪيم صاحب هن جماعت جا صدر ۽ جنرل سيڪريٽري ٿي رهيا ۽ سنڌي عوام جي ڀرپور سياسي خدمت ڪيائون. انهيءَ ڪانسواءِ ڀاڻ ادب جي ميدان ۾ جيڪي ڪم ڪيائون، سي ڪنهن بہ صورت ۾ وسارڻ جهڙا نہ آهن.

اسان جو ناميارو عالم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ڊسمبر 1942ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

مرتب: نور احمد ميمڻ



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مولانا دين محمد وفائي

1894_1950ع



مولانا دين محمد وفائي سنڌ جي هڪ تاريخي شهر ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ "ڪتي" ۾ 14 اپريل 1894ع تي پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو جيڪو هڪ عالم، بزرگ ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. شروعاتي تعليم پنهنجي والد وٽ حاصل ڪيائين. پاڻ اڃا 9 ورهين جو ڄمار ڪي مس پهتو ته سندس والد گذاري ويو. جنهن بعد فارسي تعليم مولوي محمد عالم کان حاصل ڪيائين. سنڌ ۾ ان وقت عربي ۽ فارسي تعليم کي وڏي اهميت حاصل هئي، ان ڪري نوجوان دين محمد ذاتي ذهانت ۽ سخت محنت سان سمورا عربي ۽ فارسي جي ڪورس تي رکيل ڪتاب ٿوري عرصي ۾ پڙهي پورا ڪيا.

مولانا دين محمد وفائي سڄي زندگي علم ادب کي حاصل ڪرڻ ۽ پکيڙڻ ۾ گذاري سندن عملي زندگيءَ جا ڪيئي رخ آهن. جن مان ٻه نمايان آهن: هڪ "صحافت" ۽ ٻيو "ادب". سندس صحافت سان وابستگي 1916ع کان ٿي، جڏهن پاڻ راڻيپور ۾ اچي رهيو اتي ديني درس سان گڏ حڪيم محمد صادق راڻيپوريءَ جي سرپرستي ۾ "صحيفه قادريه" جي نالي سان رسالو جاري ڪيائين. ڪن سببن جي ڪري ٿورو وقت ملڻ بعد رسالي بند ٿيڻ کان پوءِ هو تعلقي ڏوڪريءَ جي هڪ ڳوٺ "ٽلاهه" جي مدرسي ۾ اچي رهيو.

مولانا دين محمد وفائي ٽلاهه جي مدرسي مان 1918ع ۾ هڪ باقاعده علمي ادبي رسالو

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"الڪاشف" جاري ڪيو. هي رسالو هر مهيني ڪافي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ ننڍي کنڊ جون سياسي ۽ سماجي حالتون خراب ٿينديون ويون. انگريزن پنهنجي چالاڪيءَ سان مڪاني ماڻهن ۾ جهيڙو ڪرائڻ شروع ڪيو. اهڙين حالتن ۾ مولانا هڪ هنڌ ڪيئن خاموش رهي ٿي سگهيو. جلد ئي ٿلاهه ڇڏي عملي سياست جي هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ نڪري پيو ۽ ان دور جي اهم شخصيت مولانا تاج محمود امروٽيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. انهن ڏينهن ۾ مولانا وفائي، تاج محمود امروٽيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ هڪ رسالو "اظهارالڪرامت" شايع ڪرايو.

جيئن جيئن انگريزن خلاف تحريڪ زور وٺندي وئي، تيئن تيئن محسوس ڪيو ويو ته تحريڪ کي منظم طريقي سان هلائڻ لاءِ عام ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڪرڻ ۽ مسلمانن ۾ سياسي بيداري آڻڻ لاءِ هڪ باقاعده اخبار جو هجڻ تمام ضروري آهي. سياسي طور سرگرم مسلمانن جي ڪوشش ۽ چندي سان مارچ 1920ع ۾ ڪراچيءَ مان هڪ اخبار "الوحيد" جاري ڪئي وئي. اخبار لاءِ مولانا صاحب جي ذهانت، جذبي ۽ اورچائي کي آڏو رکندي کيس سب ايڊيٽر ۽ قاضي عبدالرحمان کي ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو.

"الوحيد" ان وقت سنڌ جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ سان گڏ انهن جي سياسي تربيت پڻ ڪئي. انگريزن جي هر فريب ۽ ظلم خلاف لکيو، تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ رهنمائي ڪئي.

"الوحيد" کي جاري ٿئي ست مهينا مس گذريا ته بمبئي سرڪار اخبار کان ڏهه هزار رپيا ضمانت گهري، هوڏانهن اخبار جي ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان کي هڪ سال لاءِ جيل موڪليو ويو. اخبار تي جو اها اوچتي مصيبت ڪڙڪي ته اها بند ٿي وئي ۽ مولانا وفائي ٻيهر ٿلاهه موٽي آيو.

انهيءَ عرصي دوران جمعيت العلماءِ سنڌ جي ٻين اڳواٽن سان گڏ، ان جي سيڪريٽري پير غلام مجدد سرهندي کي هڪ مقدمي ۾ ٻه سال جيل جي سزا ڏني وئي. جمعيت جي مشاورتي ڪائونسل جي فيصلي تحت مولانا وفائيءَ کي جمعيت جو سيڪريٽري بنايو ويو. ستت ئي چيلمسفورڊ جي سڌارن هيٺ "الوحيد" نئين سر جاري ٿي ته وفائي صاحب جمعيت جي سيڪريٽري جي عهدي سان گڏ ايڊيٽر شپ جا فرض به سنڀاليندو رهيو. سنڌن ادارت هيٺ اخبار سنڌ جي مسلمانن جي حقن جي ترجمان ثابت ٿي ۽ ان جا مکيه مسئلن تي وقت به



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وقت جيڪي نمبر نڪرندا رهيا، سي اڄ هڪ يادگار جي حيثيت رکن ٿا.

اخباري ڌنڌي ۾ ايڊيٽري مشغولي جي باوجود مولانا صاحب 1923ع ۾ مستقل بنيادن تي هڪ رسالو ”توحيد“ جاري ڪيو. ان کان علاوه پاڻ ”الحزب“ نالي اخبار جاري ڪيائون، جيڪا سنڌي زبان ۾ بلند درجي جي اخبار هئي، جنهن ۾ مولانا وفائي جا جيڪي تاريخي ۽ علمي مضمون شايع ٿيا، سي اڄ تائين ماڻهن کي ياد آهن.

1943ع ۾ اخبار ”الوحيد“ جي مٿان ڪنٽرول بورڊ قائم ڪيو ويو جيڪا ڳالهه مولانا کي پسند نه آئي، جنهن ڪري پاڻ ”الوحيد“ تان استعيفيٰ ڏئي ”آزاد“ اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ ان اخبار کي بلند درجي تي پهچايائين.

مولانا وفائي گهڻين تڪليفن جي باوجود ادب جي ميدان ۾ جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو، تنهن کي ڏسي ۽ پڙهي اهوچئي سگهجي ٿو ته پاڻ پهريون سنڌي عالم هو جنهن سنڌ ۾ تاريخ، علم ۽ ادبي تحقيق جي کوٽ کي محسوس ڪندي، ان ڏس ۾ جدوجهد ڪئي ۽ راهه روشن ڪئي. سندس خيال هو ته جنهن قوم کي پنهنجي تاريخ ڪا نه آهي ۽ پنهنجي ماضي جي حقيقت معلوم نه آهي، ان قوم مان ڪو ڀوتو ڀرڙو نه آهي. سنڌ جي عالمن ۽ سرويچن جي سوانح تي ٽئن جلدن ۾ ڪتاب ”مشاهير سنڌ“ لکيائين. سڄي عمر علم سان چاهه پاڻ به رکيائين ته ٻين کي به ڏياريائين.

مولانا صاحب نثر سان گڏ نظم به لکيو. نظم ۾ پاڻ ”وفائي“ تخلص استعمال ڪندو هو. هو انگريزن خلاف ڪيترين ئي تحريڪن ۾ پڻ سرگرم رهيو. سنڌ جي بمبئي کان آزاديءَ جي تحريڪ هجي يا هجرت تحريڪ، پاڻ مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏجي، انگريزن جي هر چال ۽ حربي کي ناڪام بنائڻ ۾ اڳرو رهيو.

اسان جو هي جفاڪش ۽ اورچ عالم ۽ بزرگ 10 اپريل 1950ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

مرتب: علي حسن چانڊيو

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو

1896_1958ع



شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو 25 مارچ 1898ع مطابق 9 شوال 1313 هجريءَ تي سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري تي ھڏل هڪ تاريخي ڳوٺ ٿلٽيءَ ۾ ڄائو. سندن والد محمد خان هن جو نالو عمرالدين رکيو.

ڊاڪٽر دائودپوٽو اڃا پنجن سالن جو مس ٿيو تہ کيس 1903ع ۾ سنڌي پرائمري اسڪول ٿلٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو جتي سن 1910ع ۾ ابتدائي تعليم پوري ڪيائين.

ڪڏهن ڪڏهن معمولي واقعا بہ غير معمولي تبديلين جا سبب بڻجي ٿا پون. ڊاڪٽر دائودپوٽي جي سلسلي ۾ بہ ايئن ئي ٿيو. هو پرائمري جي ٽئين درجي تائين گسائيندو رهندو هو. هڪ ڀيري هڪ استاد سندس امتحان وٺڻ ويو ۽ کيس سليٽ تي صورتخطي لکرايائين. جڏهن هو پنهنجي سليٽ وٺي ويو تہ استاد اکر ڏسندي کيس چيو ”اکر لکيا اٿئي يا ٽنڊي ماڪوڙيءَ جون ٽنگون؟“ ان طعني سندس ذهن تي اهڙو اثر ڪيو جو هن ڪيترين ئي مشقون پچايون ۽ نيٺ اکر سڌاري ورتائين. اڳتي هلي سندس راءِ اها هوندي هئي تہ اکر اخلاق تي وڏو اثر وجهن ٿا. ان ڪري پنهنجي نوڪريءَ واري زماني ۾ اڪثر شاگردن کي چوندو هو تہ ”جنهن جا اکر چڱا، تنهن جا لڇڻ چڱا“.



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

انهن ئي ڏينهن ۾ ڪيس فارسي سکڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان چاهہ ۾ هو ڳوٺ ۽ پرپاسي جي ٻين ڳوٺن ۾ رهندڙ مُلن مولوين کان سبق وٺڻ لاءِ ويندو هو. ايئن ٿوري ئي عرصي ۾ هن نہ رڳو فارسيءَ جا سٺا ڪتاب پڙهي ورتا، پر گڏوگڏ انگريزي ٽئين درجي ۾ بہ پهريون نمبر آيو.

ڊاڪٽر دائودپوٽي جو شاگردي وارو دؤر ڏاڍو ڏکيو گذريو. ايتري قدر جو اسڪول جو موڪل کان پوءِ پاڻ تغاريون ڍوئيندو هو. نہ رڳو اهو پر ڪٿون بہ واڍيائين ۽ ان پورهئي جي عيوض ڪيس جيڪا رقم ملندي هئي، ان مان ڪتاب خريد ڪندو هو ۽ پنهنجي خرچ پکي جو بہ بندوبست ڪندو هو. ايئن بہ ٿيو تہ وٽس ڪتابن خريد ڪرڻ جيترا پئسا نہ هوندا هئا تہ پنهنجي هٿ سان ٻين ڇوڪرن جي ڪتابن تان سبق اُتاري پوءِ سڄو سال انهن تان پڙهندو رهندو هو. ايتري مسڪيني ۽ پريشانيءَ واري حال ۾ بہ لکڻ پڙهڻ کي لڳو رهيو ۽ ڪڏهن بہ همت نہ هاريائين. جتي بہ جنهن بہ مدرسي يا اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويو سندس اهليت ۽ لائقي جي ڪري ڪيس اهميت ملڻ لڳي. لاڙڪاڻي واري مدرسي، نوشهروفيروز يا آخر ۾ سنڌ مدرسي ڪراچي تائين، هر هنڌ ڪيس لائق استاد مليا، جن سندس هوشياري ڏسي ساڻس هر طرح جي مدد ڪئي، جنهن ڪري سندس ڏکيائيون حل ٿي ويون.

ساليانن امتحانن ۾ پهريون نمبر اچڻ ڪري هر مدرسي ۽ اسڪول جا استاد ڪيس سٺين نظرن سان ڏسندا هئا. سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر دائودپوٽي 20 جون 1919ع تي ڏيارام ڄيٺمل (ڊي-جي) ڪاليج ۾ داخلا ورتي. بي اي تائين اتي پڙهڻ کانپوءِ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ايم- اي جو شاگرد ٿيو ۽ اهو امتحان بہ پهرين نبر ۾ پاس ڪيائين. ان ڪري 1923ع ۾ ڪيس چانسلر ميڊل مليو. اهو اعزاز اجا تائين ڪنهن ٻئي سنڌي شاگرد کي حاصل نہ ٿي سگهيو آهي.

هند سرڪار سال 1924ع ۾ ڪيس اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسٽيٽ اسڪالر شپ ڏني، جنهن ڪري ڪيس انگليند جي ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي ايميوينل ڪاليج ۾ داخلا ملي. اتي ٽن سالن جي سخت محنت سان پنهنجو تحقيقي مقالو ”عربي شاعريءَ جو فارسي شاعريءَ تي اثر“ انگريزي زبان ۾ لکي پورو ڪيائين. جنهن تي کين 1927ع ۾ پي ايچ ڊي ڊگري حاصل ٿي. ان حوالي سان ڊاڪٽر دائودپوٽو سنڌ جو پهريون پي ايچ ڊي (ڊاڪٽريٽ) ڊگري حاصل ڪندڙ شخص هو.

ڊاڪٽر دائودپوٽي کي اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ جيڪي لائق ۽ ناميارا استاد مليا



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تن ۾ ماستر چيئانند، قاضي عبدالوهاب بوبڪن وارو، مولوي عبدالڪريم مگسي، مسٽر ڊي. پي ڪوٽوال، مسٽر وائينس صاحب، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي ۽ ٻيا شامل آهن، جن جو سندس تربيت ۾ وڏو هٿ رهيو.

شمس العلماءَ علامه عمر بن محمد دائودپوٽو انگلينڊ مان اعليٰ تعليم جي ڊگري حاصل ڪري جيئن ئي سيپٽمبر 1927ع تي وطن واپس وريو ته ان ئي سال ساڳئي سنڌ مدرسي جو پرنسيپال مقرر ٿيو جتي شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪيس خرچ جي پورائي لاءِ ڪٽولا واٽٽا پوندا هئا. نه رڳو ايترو پر پاڻ ٿوري ئي عرصي ۾ انيڪ ڪاميابيون ماڻيائين. علامه صاحب اسماعيل ڪاليج بمبئي، ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشنس سنڌ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن، اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن، بمبئي يونيورسٽي، سنڌي ادبي بورڊ، مصر جي فواد يونيورسٽي، پاڪستان-ايراني ثقافتي انجمن ۽ ٻين اهم ادارن جو عهديدار ۽ ميمبر ٿي رهيو.

اسڪولن جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽي سنڌ وارن جي لاءِ بيحد خدمتون سرانجام ڏنيون. هن جتي تعليم جي معيار کي اوچو ڪيو اتي هر سنڌي ٻار کي لازمي تعليم ڏيارڻ جي رٿابندي به ڪئي. سندس اهو ڪارنامو به ڳاڻڻ جهڙو آهي ته هن سنڌي ٻوليءَ جي موجوده الف بي ٺاهڻ ۾ پنهنجون عالمانه خدمتون ڪم آنديون.

پاڻ انگريزي، اردو، سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ سنڌن لکيل، ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڪتابن جو وڏو ذخيرو ٻوياڻ ڇڏيو اٿن. سنڌ سرڪار سندن علمي ۽ ادبي خدمتن جو قدر ڪندي ڪين 1940ع ۾ "شمس العلماءَ" يعني "عالمن جو سج" جو خطاب ڏنو. اهڙي ريت عمر بن محمد دائودپوٽو سنڌ جو چوٿون "شمس العلماءَ" آهي، جنهن پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمتن ذريعي اهو وڏو اعزاز حاصل ڪيو.

سچي چمار علم حاصل ڪرڻ، سيکارڻ ۽ عام ڪرڻ جي جذبي سان سرشار اسان جو هي مثالي انسان تاريخ 22 نومبر 1958ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. ڪين سندن ئي وصيت موجب شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي روضي جي ڏکڻ ۾ دفنايو ويو.

مرتب: علي حسن چانڊيو



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حيدر بخش جتوئي

1901_1969ع



ويهين صديءَ جي پهرين سال جي آڪٽوبر مهيني ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ "بکوديري" ۾ غريب هاري الهداد جتوئيءَ جي گهر ۾ جيڪو سدورو پٽ ڄائو سو اڳتي هلي "باباءِ سنڌ" ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ زماني ۾ زميندارن، جاگيردارن ۽ وڏيرن جي ڇڻ تہ بادشاهي هوندي هئي. هڪ پاسي ملڪ تي ڌارئي حاڪم انگريز جو راڄ هو تہ ٻئي پاسي مڪاني اختيار ۽ اقتدار جا مالڪ وڏيرا هئا. هارين تي رعب رکڻ ۽ سندن چوڻ نہ ڪندڙ هارين سان طرحين طرحين جون جنيون ڪرائڻ عام ڳالهہ هئي.

زميندار نہ چاهيندا هئا تہ سندن هارين جا ٻار تعليم پرائين. ان ڪري اهي ڳوٺن ۾ اسڪول کولڻ بہ نہ ڏيندا هئا. اڳتي هلي ويچاري ڳڳدام خلق کي جاگيردار ۽ واپاريءَ جي چڪتاڻ جو ٻارڻ بڻايو ويو. هندستان جي وچين علائقن ۾ پيدا ٿيل مذهبي نفرت مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي تڪرارن سبب سنڌ تائين آندي ويئي.

اهڙي ريت حيدر بخش جتوئي اهڙي ماحول ۾ پلجڻ لڳو جتي هر طرف غلامي، نفرت ۽ ڏاڍ جو راڄ هو ڪيس ننڍپڻ ۾ مائٽ پيار وچان "حيدر" چوندا هئا. پنهنجي عمر جا شروعاتي ڏهہ سال ٻارڙو حيدر، ڳوٺ ۾ اسڪول جي غير موجودگي ۽ مائٽن جي تعليم ڏانهن خيال نہ

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئڻ سبب پڙهائيءَ کان محروم رهيو. پوءِ سندس ٿوري پڙهيل چاچي ڪريم بخش کيس اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

هن 1918ع ۾ "سنڌي فائينل" جو امتحان پاس ڪيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ اٺ ضلعا هئا، جن سيني ۾ حيدر پهريون نمبر ڪنيو جنهن ڪري کيس سرڪاري اسڪالر شپ مليءِ اڳتي پڙهڻ لاءِ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ داخلا ورتائين. پوءِ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو ۽ 1923ع ۾ حيدر ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڊي۔ جي سنڌ ڪاليج (ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج) ۾ داخل ٿيو.

حيدر بخش 1927ع ۾ بي۔ اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هيڊ منشي مقرر ٿيو. سکيا وارو مدو پورو ٿيڻ بعد جلد ئي کيس مختيارڪار طور مقرر ڪيو ويو. نوڪري ڪندي به کيس انگريزن کان نفرت هئي. هن کي ان وقت جي حڪومتي نظام ۽ سنڌ جي وڏيرڪي ۽ جاگيرداراڻي ماحول ۾ مسڪين ماڻهن ۽ هارين جي مٿان ٿيندڙ ظلمن تي بيحد افسوس ٿيندو هو. نوڪريءَ دوران مسڪين ماڻهن جي بيوسي، احساس ڪمتري ۽ ڦرلٽ کان آجي ٿيڻ لاءِ جتن ۽ ڏينهن رات انهن جي واهر پيو ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته کيس پنهنجي نازڪ جوابدارين ۽ عهدي جو خيال به نه رهندو هو.

هڪ پيري جي ڳالهه آهي ته ڪنهن غريب جو پاسو ڪڻڻ تي وقت جو گورو ڪليڪٽر مٿس ڪاوڙجي پيو پر هن مجاهد مرد کي ڪنهن به قسم جي ڳڻتي ڪا نه هئي. انهيءَ تي سندس ڪنهن دوست چيس ته.... "چو ٿا آفيسرن ۽ اميرن جي اکين جا ڪنڊا بڻجو." تڏهن پاڻ وراڻيائين ته، "ادل! اڳي پاڻ ڪڏهن هنن جي اکين جا سرما هئاسون، جو هاڻي ٿا ڪنڊا ٿيون"....

انهيءَ عرصي ۾ پاڻ ماڻهن جي ان ظالماڻي نظام مان خلاصي ٿيڻ جا پهه پچائيندو رهيو. نيٺ 45_1944ع ڌاري سينيئر ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي "هاري ڪميٽيءَ" ۾ شامل ٿيو ڇو ته سندس خيال هو ته جيستائين سنڌ ملڪ جي هن پيڙهيل طبقي هارين ۾ سجاڳي پيدا نه ٿيندي، تيستائين هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جا ڏک ۽ ڏولاوا ختم نه ٿي سگهندا. گڏوگڏ سندس اها به ڪوشش هئي ته سنڌ ۾ ايندڙ قومي ۽ عوامي انقلاب جو مرڪز جاگيردارن جي بجاءِ هاري طبقي کي بڻايو وڃي. انڪري هن سخت جدوجهد ڪري هاري پارٽيءَ ۾ هارين جي سجاڳي ۽ سندن حقن لاءِ ڀرپور سرگرمي ڏيکاري. 1947ع ۾ رتيديري



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Jeay Sindh

واري "هاري ڪانفرنس" ۾ ڪيس تنظيم جو صدر چونڊيو ويو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين هو هارين جو دل گهريو اڳواڻ رهيو.

هاري ڪميٽيءَ ۾ اچي ڪري حيدر بخش جتوئي پاڻ تي رکيل ذميوارين کي نباهيندي هارين جي بيدخلي، بيجا ٽيڪسن ۽ ٻين معاملن ۾ سندن بچاءَ جي قانون ٺهرائڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي ۽ قانون جو مسودو (سنڌ ٽيننسي ايڪٽ) تيار ڪري، سنڌ سرڪار جي حوالي ڪيو پر سنڌ حڪومت ۽ اسيمبلي انهيءَ پيش ڪيل ايڪٽ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو جنهن ڪري حيدر بخش جتوئي ان قانون جي حق ۾ سنڌ ۾ تحريڪ منظم ڪرڻ شروع ڪئي. موٽ ۾ 13 اپريل (1950ع) تي سنڌ اسيمبليءَ جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ "هاري حقدار" جي نعرن اسيمبلي جي ڪارروائي هلائڻ ناممڪن بڻائي ڇڏي.

آخر حڪومت ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون ۽ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪيو. هي پهريون قانون هو جنهن ۾ زميندارن جو ذميداريون ۽ هاريءَ جا حق باقاعده قانون جي شڪل ۾ چِٽا ڪيا ويا ۽ اڌواڌ ٻٽيءَ جو حق تسليم ڪيو ويو.

ڪامريڊ ون يونٽ جي خاتمي لاءِ به جدوجهد ڪئي ۽ ڪتاب لکي سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو. انهيءَ ڪتاب ۾ ون- يونٽ جي حمايت ۾ ڏنل اجاين دليلن کي رد ڪندي، انهن جي بنيادن ۽ پسمنظر کي چٽو ڪيو ويو آهي. ايوب خان جي دور ۾ ڪيس سندس لکيل ڪتاب "ان جسٽس لينڊ ٽيڪسيشن ان سنڌ ڊسٽرڪٽس" جي ڪري مختلف قانونن هيٺ گرفتار ڪري اسپيشل ملٽري ڪورٽ ڪوئيٽا ۾ ڪيس هلائي سخت پورهئي سان سزا ڏني وئي. لڳاتار جيل جي تڪليفن ۽ مصيبتن جي ڪري سندس صحت روزبروز خراب ٿيندي وئي، پر پوءِ به هو عوامي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. نيٺ 21 مئي 1969ع تي، سنڌ جي هارين، پورهيتن ۽ ٻئي لکين عوام جي حقن لاءِ بيباڪي سان ويڙهاند ڪندڙ بهادر اڳواڻ اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

مرتب: علي حسن چانڊيو



Jeay Sindh
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

1919ع ـ 1993ع



ويجهڙائي واري عرصي ۾ سنڌ اندر اخلاقي، علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي حوالي سان جن شخصيتن پنهنجا اثر ڇڏيا آهن، تن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو نالو سرفهرست آهي.

مخدوم طالب المولىٰ 4 آڪٽوبر 1919ع ۾ سنڌ جي معروف بزرگ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحہ جي خاندان ۾ تولّد ٿيو. ابتدائي تعليم تڏهوڪي خانداني دستور موجب پنهنجي ڳوٺ هالا شريف ۾ حاصل ڪيائين.

سال 1944ع جي آخر ۾ پنهنجي والد حضرت مخدوم غلام محمد "مغموم" جي انتقال بعد پاڻ حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور رحہ جو سجاده نشين ٿيو ۽ سڄي حياتي سروري جماعت ۾ عام ماڻهن جي خدمت ۾ گذاريائين.

مخدوم صاحب، جوانيءَ ۾ ئي علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ شروع ڪيو. 50ع واري ڏهاڪي ۾ بزم طالب المولىٰ جو بنياد وڌائين ۽ "فردوس" ۽ "شاعر" جهڙا معياري رسالا جاري ڪيائين. "الزمان" ۽ "پاسبان" جهڙين اخبارون بہ سندس ذوق ۽ سنڌي علم و ادب سان لڳاءَ جون آئينہ دار آهن. پاڻ "جمعيت الشعرا سنڌ" جو ڪيتري عرصي تائين روح روان ۽ سرواڻ رهيو. 50 واري ڏهاڪي ۾ ئي ڀهرين سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر ٿيو ۽ بعد ۾ سندس علمي ادبي خدمتن کي سامهون رکندي کيس سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. سندس سربراهي هيٺ سنڌي ادبي بورڊ، لوڪ ادب، تاريخ ۽ لغت وغيره تي باقاعده اسڪيمون شروع ڪيون ۽ انهن اسڪيمن مطابق لاتعداد علمي ادبي ڪتاب شايع ٿيا. انهن ديرپا اسڪيمن کي عملي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ جتي ان وقت جي قابل

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميمبرن ۽ سرگرم سيڪريٽرين محترم محمد ابراهيم جويي ۽ غلام رباني آگري وغيره جون ڪوششون شامل هيون، اتي مخدوم صاحب جي ذاتي نگراني ۽ حوصلہ افزائي نہ صرف بورڊ کي مالي لحاظ کان بي فڪر رکيو بلڪ سندس ئي دلچسپي انهن اسڪيمن کي ڪاميابي سان همڪنار ڪيو.

مخدوم صاحب سال 1945ع کان عملي سياست ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. اڳتي هلي قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ حصو ورتائين ۽ شاندار ڪاميابي ماڻي حيدرآباد مان ميمبر منتخب ٿيو. ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ سندس عملي شرڪت رهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي بنيادي اڳواڻن ۾ هو ۽ منڍ کان وٺي پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينئر وائيس چيئرمين ٿي رهيو. ون يونٽ جي خاتمي کانپوءِ 1970ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ مارچ 1976ع ۾ ٿيندڙ ملڪي انتخابن ۾ پيهر پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان اليڪشن ۾ حصو ورتائين ۽ بنا مقابلي قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو.

جولاءِ 1977ع جي فوجي راتاهي کان پوءِ ملڪ جي فوجي آمرن مسلسل ڪوشش ڪئي تہ مخدوم صاحب پيپلز پارٽي سان تعلق ختم ڪري ۽ سنڌ جي بين وڏن ماڻهن ۽ سياستدانن وانگر فوجي جنتا جو ساٿ ڏئي، ليڪن مخدوم صاحب پنهنجي اصولن ۽ ارادن تي اٽل رهيو ۽ پارٽي سان تعلق ختم نہ ڪيائين. اها وابستگي سندس آخري دم تائين قائم رهي.

پاڻ شاعري توڙي نثر ۾ ڪيترائي اهم ڪتاب لکيائين جن مان هيٺين ڪجھ ڪتابن کي وڏي اهميت حاصل آهي:

(1 ڪافي، 2) لغات سنڌي مخففات، 3) مضامين طالب المولىٰ، 4) ياد رفتگان، 5) ديوان طالب المولىٰ، 6) چپر ۾ چڙيون ۽ 7) مثنوي عقل و عشق وغيره.

سنڌ جي هن ناماياري ۽ پلاري انسان جو انتقال 11 جنوري 1993ع تي ڪارڊيو ويسڪيولر انسٽيٽيوٽ ڪراچي ۾ ٿيو ۽ ڪيس 12 جنوري 1993ع تي پنهنجي مرشد ۽ جد امجد حضرت غوث الحق مخدوم نوح فقير جي قريب سپرد خاڪ ڪيو ويو.

مخدوم صاحب، نياز نوڙت، عجز ۽ انڪساري جو مجسمو هو. ذاتي حوالي سان مخدوم طالب المولىٰ جي شخصيت پنهنجي همعصرن ۾ بيحد محترم، خليق، بي ريا، بااصول ۽ هردلعزيز هئي. صدين کان وٺي سنڌ جي صوفين محبت ۽ رواداري جي جنهن فڪر جي آبياري پئي ڪئي مخدوم طالب المولىٰ چوڏهين صديءَ ۾ بہ انهن روايتن کي روشن رکيو.

مرتب: مخدوم جميل الزمان



Jeay Sindh

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner




Sindhica سنڌيڪا

سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ ڦھلاءُ آھي. ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book